Reg No 2677

ABC Certified

روزاني

ايڊيٽر: اعجاز مهر

سنڌيار

ڪراچي

Daily SINDHYAR Karachi

NTN 4129440-8

www.dailysindhyar.com

جلد :11 | آچر 10 سيپٽمبر 2023 ع بمطابق 23 صفر 1445هه | شمارو: 322 | قيمت 10 رپيا

نگران حڪومت: هڪ هزار ماڻهن جا نالا اِي سِي ايل ۾ وجهڻ بابت غور

اجلاس ۾ آرمي چيف جنرل عاصم منير، نگران وڏن وزيرن، وفاقي وزيرن ۽ ٻين شرڪت ڪئي

اجلاس ۾ ٽيڪس چوري، بجلي چوري، ڊالر ۽ عام واهپي وارين شين جي ذخيره اندوزي روڪڻ لاءِ مختلف قدم کڻڻ بابت به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

اجلاس ۾ مختلف شعبن سان واڳيل هڪ هزار کان وڌيڪ ماڻهن جا نالا اي سي ايل ۾ وجهڻ تي به غور ويچار ڪيو ويو: ذريعا

اجلاس دوران مختلف کاتن جي خراب ساک رکندڙ آفيسرز خلاف ڪارروائي بابت به غور ويچار ڪيو ويو

پرڏيهي سيڙپڪارن کي سهولتون ۽ سڪيورٽي ڏيڻ بابت مختلف تجويزن تي خيالن جي ڏي وٺ به ڪئي وئي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وزيراعظم جي صدارت هيٺ ايس آءِ ايف سي ايپيڪس ڪميٽي جي اجلاس ۾ هڪ هزار ماڻهن جا نالا اِي سِي ايل ۾ وجهڻ بابت غور ويچار ڪيو ويو آهيا اجلاس ۾ آرمي چيف جنرل عاصم منير، نگران وڏن وزيرن، وفاقي وزيرن ۽ ٻين شرڪت ڪئياجلاس ۾ ٽيڪس چوري، بجلي چوري، ڊالر ۽ عام واهپي وارين شين جي ذخيره اندوزي روڪڻ لاءِ مختلف قدم کڻڻ بابت به خيالن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

بدين: پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو بدين پهچڻ تي استقبال ڪيو پيو وڃي

آئين جي مطابق 90 ڏينهن ۾ چونڊون ٿيڻ گهرجن: بلاول ڀٽو زرداري

پيپلز پارٽي جي حڪومت عوام جي حڪومت هوندي، بينظير ڀٽو ملڪي معيشت جي سمت درست ڪئي، عوام دوست حڪومت ايندي ئي پنهنجي زمين ۽ گهر جهڙا منصوبا ايندا آهن

آئين جي مطابق 90 ڏينهن ۾ چونڊون ٿيڻ گهرجن، پي پي ڪي سي اي سي ميٽنگ ۾ 90 ڏينهن ۾ اليڪشن تي ڳالهه ٿي، عوام جي ڇهري تي لکيل آهي ته هو مشڪل ۽ تڪليف ۾ آهي

معاشي صورتحال ڏينهن ڏينهن بدتر ٿيندي پئي وڃي، انٽرنيشنل مانيٽري فنڊ (آئي ايم ايف) سان مذاڪرات ٿيا ته هن چيو ته عوام جي قرباني جو وقت آهي

معاشي صورتحال ڏينهون ڏينهن بدتر ٿيندي پئي وڃي، عام ماڻهو پريشان آهي ته ٻارن کي اسڪول ڪيئن موڪلي، بجلي جو بل ڪيئن ادا ڪري؟

پاڪستان ۾ جڏهن به ضرورت پئي ته عوام قرباني ڏني، هاڻ عوام جو حق آهي ته هو پڇاڻو ڪري ته حڪومت انهن جي لاءِ ڇا ڪري رهي آهي

بدين/ٽنڊو/سجاول/حيدرآباد (نمائندن وٽان) پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو چوڻ آهي ته مان پيپلز پارٽي جي سي اي سي فيصلن جو پابند آهيان، گهر جي معاملن تي آصف زرداري جي ڳالهه جو پابند آهيان. بلاول ڀٽو زرداري بدين ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته آئين جي مطابق 90 ڏينهن ۾ چونڊون ٿيڻ گهرجن، پي پي ڪي سي اي سي ميٽنگ ۾ 90 ڏينهن ۾ اليڪشن تي ڳالهه ٿي، هن چيو ته عوام جي ڇهري تي لکيل آهي ته هو مشڪل ۽ تڪليف ۾ آهي، معاشي صورتحال ڏينهون ڏينهن بدتر ٿيندي پئي وڃي، پاڪستان ۾ جڏهن به ضرورت پئي ته عوام قرباني ڏني، هاڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

سنڌ ۾ جونيئر آءِ جي مقرر: سينيئر آفيسرز احتجاج طور موڪل تي روانا

اي آءِ جي انويسٽيگيشن منير شيخ ۽ اي آءِ جي عمران يعقوب منهاس به موڪل تي روانا ٿي ويا

سينيئر آفيسرز جي موڪل تي روانگي سبب پوليس ۾ وڏو بحران ٿي ويو

پوليس آفيسرز پاڻ کان جونيئر آءِ جي پوليس جي ماتحت ڪم ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي : ذريعا

ڪراچي (م د) سنڌ ۾ جونيئر آءِ جي پوليس رفعت مختار جي مقرريءَ تي سينيئر آفيسرز احتجاج طور موڪل تي روانا ٿي ويا آهن. اي آءِ جي فرحت جوڻيجو چارج ڇڏي ڏنياي آءِ جي انويسٽيگيشن منير شيخ ۽ اي آءِ جي عمران يعقوب منهاس به موڪل تي روانا ٿي ويا آهن. سينيئر آفيسرز جي موڪل تي روانگي سبب پوليس ۾ وڏو بحران ٿي ويو آهيذريعن موجب سينيئر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير خليل گوربيج ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

گيس جي قيمت ۾ 50 سيڪڙو کان وڌيڪ واڌ جو امڪان

نگران حڪومت گيس جي شعبي جا نقصان عوام تي منتقل ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو

ايندڙ هفتي گيس جي قيمت ۾ 50 سيڪڙو کان وڌيڪ واڌ جو امڪان آهي

اسلام آباد: (بيورو رپورٽ) نگران حڪومت گيس جي شعبي جا نقصان عوام تي منتقل ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي جنهن کان پوءِ ايندڙ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

نامزد چيف جسٽس جي ساٿي ججن کي ڊنر جي دعوت

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) نامزد چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ قسم کڻڻ کانپوءِ پنهنجي ساٿي ججن کي ڊنر جي دعوت ڏني، موجوده چيف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

بجلي چوري آپريشن: 21 ڄڻا گرفتار، 16 ڪروڙ جو ڏنڊ لاڳو

نگران وزيراعظم جي هدايتن تي سڄي ملڪ ۾ بجلي چورن خلاف آپريشن ڪيو ويو

بجلي چوري جي خلاف ڪريڪ ڊائون شروع ٿي چڪو آهي، اڃان ته شروعات آهي : سيڪريٽري توانائي راشد لنگڙيال

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) نگران وزيراعظم جي هدايتن تي سڄي ملڪ ۾ بجلي چورن خلاف آپريشن جاري آهي، ملڪ ۾ بجلي چوري جي خلاف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ڪوئيٽا ۾ گودام تي ڇاپو، کنڊ ۽ يوريا ڀاڻ جون هزارين ٻوريون هٿ

سرياب ۾ ضلعي انتظاميه گودام تي ڇاپو هڻي ذخيرو ڪيل کنڊ ۽ يوريا ڀاڻ جون 15 هزار کان وڌيڪ ٻوريون هٿ ڪري ورتيون

گودام کي سيل ڪري ذخيره اندوزن خلاف ڪيس داخل ڪري ورتو آهي : ضلعي انتظاميه

برآمد ڪيل شين جي قيمت تقريبن 20 ڪروڙ روپيه آهي، برآمد ٿيندڙ کنڊ سرڪاري قيمتن تي نيلام ڪئي پئي وڃي

ڪوئيٽه (م د) ڪوئيٽه جي علائقي سرياب ۾ ضلعي انتظاميه گودام تي ڇاپو هڻي ذخيرو ڪيل کنڊ ۽ يوريا ڀاڻ جون 15 هزار کان وڌيڪ ٻوريون هٿ ڪري ورتيون آهن ضلعي انتظاميه موجب گودام کي سيل ڪري ذخيره اندوزن خلاف ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

سنڌ انفارميشن ڪميشن ڇاڻ نه ڏيڻ تي سنڌ سروس ٽربيونل جي رجسٽرار کي سزا ٻڌائي ڇڏي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ انفارميشن ڪميشن ڇاڻ نه ڏيڻ تي سنڌ سروس ٽربيونل جي رجسٽرار تي ڏنڊ لاڳو ڪري ڇڏيو اهو ڏنڊ هن جي بنيادي پگهار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ايف بي آر پاران ٽئڪس چورن خلاف ملڪگير آپريشن جو فيصلو

لاهور، ڪراچي، فيصل آباد، راولپنڊي ۽ ملتان سوڌو وڏن شهرن مان 11 هزار ماڻهن جي فهرست تيار ڪئي وئي

فهرست ۾ صنعتڪار، ملز مالڪ، وڏا واپاري، پراپرٽي ڊيلرز ۽ هول سيلرز شامل

اسلام آباد (م د) ٻه پٽي ٽيڻ باوجود ساليانو ڪجهه لک روپيا ٽئڪس نه ڏيندڙن سوڙهو ڪرڻ جون تياريون ڪيون ويون آهنايف بي آر ٽئڪس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

اليڪشن ڪميشن آئين موجب چونڊون ڪرائيندي : آصف علي زرداري

چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ اليڪشن ڪميشن جي ٻين ميمبرز تي اسان کي پورو اعتماد آهي

آدمشماري ڪانپوءِ اليڪشن ڪميشن نيون تڪبنديون ڪرائڻ جي پابند آهي

اسان سڀني کي سياست بدران ٻهرين معيشت جي ڳڻتي ڪرڻ گهرجي

اسلام آباد (م د) اڳوڻي صدر آصف زرداري چيو آهي ته اليڪشن ڪميشن آئين موجب چونڊون ڪرائيندي، چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ اليڪشن ڪميشن جي ٻين ميمبرز تي اسان کي پورو اعتماد آهياڳوڻي صدر آصف علي زرداري پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

نگران پي ڊي ايم جي ڪيل فيصلن جو بار کڻڻ لاءِ تيار ناهي: شيخ رشيد

16 مهينن ۾ 13 پارٽين طرفان ڪيل فيصلن جو نگران حڪومت طرفان ڪو به بار کڻڻ جي لاءِ تيار نه آهي

آءِ ايم ايف جي فيصلي تي مٿايون ورهائيندڙن سمور بار عوام تي وجهي ڇڏيو

هنن رياست کي بچائڻ جو نعرو لڳائي رياست کي معاشي طور تي تباهه ڪري ڇڏيو آهي



راولپنڊي: (مانيٽرنگ ڊيسڪ) عوامي مسلم ليگ جي سربراهه ۽ اڳوڻي وفاقي گهرو وزير شيخ رشيد احمد چيو آهي ته نگران حڪومت پي ڊي ايم جي فيصلن جو بار کڻڻ جي لاءِ تيار نه آهي. سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ٽوئٽر تي شيخ رشيد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

عمران خان جي وڪيل جوابدار کي جيل ۾ مليل سهولتن بابت رپورٽ کي جعلي قرار ڏئي ڇڏيو

صرف پي ٽي آءِ چيئرمين جي لاءِ انصاف جا دروازا بند آهن : انتظار پنجوٿا

پي ٽي آءِ چيئرمين کي جڏهن سزا ڏٺي هئي ته ان وقت ٽرائل ڪورٽ 5 ڏينهن ۾ فيصلو ٻڌائي ڇڏيو

عمران خان کي جيل ۾ مليل سهولتن جي جعلي رپورٽ هاءِ ڪورٽ ۾ جمع ڪرائي ڇڏي آهي

وڪيل انتظار پنجوٿا ميڊيا سان ڳالهائيندي

اسلام آباد (م د) سائفر ڪيس ۾ گرفتار پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي وڪيلن سيڪريٽ عدالت جي جج ابوالحسنات ذوالقرنين جي اڄ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪي پي ڪي ۾ دهشتگردي خلاف مليل فنڊز ۽ خرچن جا تفصيل سامهون اچي ويا

خيبرپختونخواهه کي دهشتگردي جي خلاف جنگ جي مد ۾ 2010 کان وٺي هينئر تائين 415 ارب 50 ڪروڙ روپين جا فنڊ مليا

فنڊ تباهه ٿيل روڊن، پلن، اسڪولن ۽ پوليس اسٽيشنز جي نئين سري سان تعمير تي خرچ ڪيا ويا

پشاور (م د) خيبرپختونخواهه کي دهشتگردي جي خلاف جنگ جي مد ۾ مليل فنڊز ۽ انهن جي خرچن جا تفصيل سامهون اچي ويا آهن. سامهون ايندڙ دستاويزن جب خيبرپختونخواهه کي دهشتگردي جي خلاف جنگ جي مد ۾ 2010 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

شيرين مزاري جي گرفتاري: آءِ جي اسلام آباد خلاف توهين عدالت ڪيس ٻڌڻي لاءِ مقرر

شيرين مزاري جي گرفتاري تي آءِ جي اسلام آباد ناصر خان خلاف توهين عدالت ڪيس 20 سيپٽمبر تي ٻڌڻي جي لاءِ مقرر ڪيو ويو

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جو جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب آءِ جي خلاف ڪيس جي ٻڌڻي ڪندو

اسلام آباد (م د) عدالتي حڪم جي باوجود پي ٽي آءِ جي اڳوڻي اڳواڻ شيرين مزاري جي گرفتاري تي آءِ جي اسلام آباد خلاف توهين عدالت ڪيس ٻڌڻي جي لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ عدالتي حڪم جي باوجود /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

آرمي ايڪٽ ۽ آفيشل سيڪريٽس ايڪٽ ۾ ترميمون چئلينج

پي ٽي آءِ چيئرمين طرفان سپريم ڪورٽ ۾ 184/3 تحت آئيني درخواست داخل ڪئي وئي

وفاق، صدر، گهرو وزارت ۽ قومي اسيمبلي جي سيڪريٽري کي ڌر بڻايو ويو

آفيشل سيڪريٽس ايڪٽ ۽ آرمي ترميمي ايڪٽ بنيادي انساني حقن سان ٽڪراءَ ۾ آهن : درخواست جو متن

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير انيق الرحمان ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان آرمي ايڪٽ ۽ آفيشل سيڪريٽس ايڪٽ ۾ ترميمن کي سپريم ڪورٽ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

عمران خان آفيشل سيڪريٽ ۽ آرمي ترميمي ايڪٽ کي سپريم ڪورٽ ۾ چيلينج ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (م د) تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ ۽ آرمي ترميمي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

فضل الرحمان سان پاڪستان ۾ رهندڙ افغان مهاجرن جي ملاقات

مهاجرن جي وفد مولانا فضل الرحمان کي پنهنجن مسئلن کان آگاهه ڪيو

مولانا فضل الرحمان وفد کي هر قسم جي تعاون ۽ مسئلن جي حل جو يقين ڏياريو

اسلام آباد (م د) اسلام آباد: جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان سان پاڪستان ۾ رهندڙ افغان پناهگيرن جي وفد ملاقات ڪئي. ميڊيا سيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

سيڪريٽ عدالت جو جج موڪل تي: سائفر ڪيس جي ٻڌڻي بنا ڪارروائي جي ملتوي

جج ابوالحسنات ذوالقرنين جي موڪل تي هجڻ جي باري ۾ عدالتي عملي پي ٽي آءِ وڪيلن کي آگاهه ڪري ڇڏيو

سائفر ڪيس جي ٻڌڻي بنا ڪارروائي جي 11 سيپٽمبر تائين ملتوي ڪئي وئي

اسلام آباد (م د) سيڪريٽ ايڪٽ عدالت جي جج ابوالحسنات ذوالقرنين جي موڪل تي هجڻ سبب پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان خلاف سائفر ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ايراني تيل اسمگلنگ: ڳجهي اداري جي رپورٽ ۾ ڇرڪائيندڙ انڪشاف سامهون اچي ويا

هر مهيني 10 ملين ليٽر ايراني تيل پاڪستان ۾ اسمگلنگ ڪيو ويندو آهي : رپورٽ

تيل ايراني بارڊر کان لاڳاپيل علائقن رکهني، لورالائي، ميختر ۽ ٻوانا ڏانهن اسمگلنگ ٿيندو آهي

اسلام آباد (م د) ايراني تيل جي پاڪستاني اسمگلنگ بابت ڳجهي اداري جي رپورٽ ۾ ڇرڪائيندڙ انڪشاف سامهون اچي ويا آهن سامهون ايندڙ رپورٽ موجب هر مهيني 10 ملين ليٽر ايراني تيل پاڪستان ۾ اسمگلنگ ڪيو ويندو آهي. تيل ايراني بارڊر کان لاڳاپيل علائقن رکهني، لورالائي، ميختر ۽ ٻوانا ڏانهن اسمگلنگ ٿيندو آهي جتان ڪان ترڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

اهم خبر، ڪراچي سميت مُلڪي هوائي اڏن تي الرٽ جاري

ڪراچي (رپورٽر) اکين جي انفيڪشن آشوب چشم کي پکڙجڻ کان روڪڻ لاءِ بارڊر هيلٿ سروسز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

نامزد چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ حلف برداري کان پوءِ ساٿي ججز کي مانجهاندي جي دعوت ڏئي ڇڏي

جسٽس قاضي فائز عيسيٰ حلف برادري کان پوءِ ساٿي ججز کي مانجهاندي جي به دعوت ڏني

جسٽس قاضي فائز عيسيٰ طرفان مانجهاندي جي دعوت 17 سيپٽمبر جي لاءِ ڏني وئي آهي : ذريعا

موجوده چيف جسٽس پاڪستان عمر عطا بنديال کي به گهرايو ويو آهي

اسلام آباد (م د) نامزد چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ پنهنجي حلف برداري کان پوءِ ساٿي ججز کي مانجهاندي جي دعوت ڏئي ڇڏي آهي. موجوده /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

چيف جسٽس جو فائل فوٽو

پشاور ايئرپورٽ تي 2 لک 29 هزار ريال هٿ، مسافر گرفتار

پشاور جي باچا خان ايئرپورٽ ڪسٽم اختيارين مسافر کي گرفتار ڪري ورتو

ڪسٽم عملدارن پرڏيهي ڪرنسي هٿ ڪري جوابدارن خلاف وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي

پشاور (م د) پشاور جي باچا خان ايئرپورٽ ڪسٽم اختيارين 2 لک 29 هزار 500 ريال ٻاهرين ملڪ ڪٽي رهڻ جي ڪوشش ڪندڙ مسافر کي گرفتار ڪري ورتو ڪسٽم عملدارن پرڏيهي ڪرنسي هٿ ڪري جوابدارن خلاف وڌيڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

مراڪش ۾ زلزلي تباهي مچائي ڇڏي، 300 کان وڌيڪ فوت، سوين زخمي

زلزلي سبب ڪيترين ئي عمارتون ملبي جي ڍير ۾ تبديل ٿي ويون

زلزلي جو مرڪز مراڪش کان 44 ميل پري ڏاکڻ مغربي علائقو هو

زلزلي جا لوڏا ساموندي شهرن رباط، ڪاسا بلانڪا ۽ ايسا ويرا ۾ محسوس ڪيا ويا آهن

رباط (م د) مراڪش ۾ زلزلي هر طرف تباهي مچائي ڇڏي آهي. زلزلي جي نتيجي ۾ 300 کان وڌيڪ فوت جڏهن ته سوين زخمي ٿي پيا آهن. ڪيترين ئي عمارتون ملبي جي ڍير ۾ تبديل ٿي ويون آهن. آمريڪي جيولوجيڪل سروي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

رباط: مراڪش ۾ زلزلي سبب ملبو ڳاڏي مٿان ڪريل نظر اچي رهيو آهي

ڪراچي ۾ تيز رفتار واٽر ٽينڪر واٽهرو ماڻهن مٿان چڙهي ويو، 2 ڄڻا چيپاٽجي فوت

ڪورنگي جي سنگر چورنگي وٽ تيز رفتار واٽر ٽينڪر واٽهڙن مٿان چڙهي ويو

حادثي جي نتيجي ۾ سعيد حسين ۽ سليم فوت ٿي ويا، عمرزمان ۽ زين زخمي ٿي پيا آهن: پوليس

فوتين جا لاش ۽ زخمي جناح اسپتال منتقل ڪيا ويا آهن: ريسڪيو ذريعا

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ تيزرفتار واٽر ٽينڪر واٽهڙو ماڻهن مٿان چڙهي ويو، خوفناڪ حادثي جي نتيجي ۾ 2 ڄڻا چيپاٽجي فوت ٿي ويا، جڏهن ته 2 زخمي ٿي پيا آهنپوليس موجب ڪورنگي جي سنگر چورنگي وٽ تيز رفتار واٽر ٽينڪر واٽهڙن مٿان چڙهي ويوحادثي جي نتيجي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

اسلام آباد: وفاقي وزير عمر سيف تقريب کي خطاب ڪندي

آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ ۽ آرمي ايڪٽ ۾ ترميم سپريم ڪورٽ ۾ چئلينج

پي ٽي آءِ چيئرمين پاران سپريم ڪورٽ ۾ ترميمي قانونن خلاف آئيني درخواست داخل ڪرائي وئي

آئيني درخواست تي فيصلو اچڻ تائين آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ ۽ آرمي ايڪٽ ۾ ترميمي قانونن کي معطل ڪيو وڃي : درخواست جو متن

صدر آرمي ايڪٽ ۽ آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ ۾ ترميمن وارن بلن تي صحيحون نه ڪيون آهن

اسلام آباد (م د) پي ٽي آءِ چيئرمين آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ ۽ آرمي ايڪٽ ۾ ترميمي قانونن کي سپريم ڪورٽ ۾ چئلينج ڪري ڇڏيو پي ٽي آءِ چيئرمين پاران سپريم ڪورٽ ۾ ترميمي قانونن خلاف آئيني درخواست داخل ڪرائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

400 فيڊر ٽرپ، ڪراچي جا ڪيترائي علائقا اونداهي ۾ ٻڏي ويا

ڪراچي جي علائقي شادمان، نيو ڪراچي، ناظم آباد، بلديا، ڪيماڙي ۾ بجلي جي فراهمي معطل ٿي وئي

ڪجهه علائقن ۾ بجلي هلي رهي آهي، ڪي اليڪٽرڪ جو سسٽم هلي رهيو آهي : ڪي اليڪٽرڪ

عارضي فالٽ کي فوري بحال ڪيو ويو آهي ، 4 سئو کان وڌيڪ فيڊرز ٽرپ ٿي ويا آهن

ڪراچي (رپورٽر) ڪي اليڪٽرڪ هاءِ ٽينشن لائن ۾ ٽرپنگ سبب ڪيترن ئي علائقن ۾ بجلي بند ٿي وئي آهي، ڪي اليڪٽرڪ جا 4 سئو کان وڌيڪ فيڊرز ٽرپ ٿي ويا آهن ڪراچي جي علائقي شادمان، نيو ڪراچي، ناظم آباد، بلديا، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪوئيٽا: ضلعي انتظاميه پاران گودام تي هنيل ڇاپي دوران هٿ ڪيل کنڊ جون ٻوريون پيون آهن

سنڌ زرعي يونيورسٽي انتظاميا جي نااهلي: پي ايڇ ڊي ڪندڙ اميدوارن جو مستقبل داءَ تي لڳل

ٽنڊو ڄام (رپورٽر) سنڌ زرعي يونيورسٽي انتظاميا جي نااهلي سبب انفارميشن ٽيڪنالاجي ۾ پي ايڇ ڊي ڪندڙ اميدوارن جو مستقبل داءَ تي لڳي ويو آهي. سنڌ زرعي يونيورسٽي ۾ مختلف شعبن اندر پي ايڇ ڊي ڪرڻ لاءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

اڳوڻي صوبائي وزير ڊاڪٽر ياسمين راشد 5 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي

ڪيس ۾ بغاوت، جنگ ڇيڙڻ ۽ عوام کي فسادن لاءِ ڀڙڪائڻ جا ڪلم شامل ڪيا ويا

نون الزامن جي جاچ لاءِ ڊاڪٽر ياسمين راشد جو ٻيهر جسماني ريمانڊ ڏنو وڃي: جاچ آفيسر

اڳوڻي صوبائي وزير ڊاڪٽر ياسمين راشد عدالت ايندي

لاهور (م د) دهشتگردي جي انت واري عدالت اڳوڻي صوبائي وزير ڊاڪٽر ياسمين راشد جو 5 ڏينهن جو جسماني ريمانڊ منظور ڪري ورتو آهي. پوليس ڊاڪٽر ياسمين راشد کي ٻاهين، پيچ ڊاهه ۽ شير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

6 پاڪستاني رانديگر اغوا، ٽرٽلو، رياستي ادارا سرگرم

اٽڃاٽل هٿياربند ڪچي ڪينال واري هنڌان رانديگرن کي اغوا ڪري ويا : لويز ذريعا

واقعي بابت اسسٽنٽ ڪمشنر سوئي ۽ رانديگرن جي گهرياتين سان ڪو رابطو ناهي ٿي سگهيو

ڊيرا بگٽي (م د) سوئي کان سبي ويندڙ فٽبال ٽيم جي 6 رانديگرن کي اغوا ڪيو ويو آهي، ليويز ذريعن موجب اڻڄاتل هٿيار بند ڪچي ڪينال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير شمشاد اختر اجلاس جي صدارت ڪندي

ڊالر ذخيرو ڪندڙن جي نشاندهي ٿي وئي، ڪريڪ ڊائون جو فيصلو

ڪراچي (رپورٽر) ڊالر ذخيرا اندوزي خلاف وفاقي جاچ اداري (ايف آءِ اي) حساس ادارا ۽ اسٽيٽ بئنڪ گريڊ آپريشن لاءِ حڪمت عملي تيار ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 33

پي سي بي سنڌ پريميئر ليگ کي اين او سي جاري ڪري ڇڏيو

اڳوڻي صوبائي وزير ناصر حسين شاهه جي صدر ايس پي ايل عارف ملڪ چيئرمين پي سي بي سان ملاقات

ايس پي ايل سنڌ جي راندين جي تاريخ ۾ هڪ نئين باب جو اضافو ڪندو، چيئرمين پي سي بي ذڪا اشرف

ليگ جو انعقاد پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سيد ناصر حسين شاهه جي ويزن موجب ڪيو پيو وڃي

ڪراچي (اسپورٽس رپورٽر) پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ سنڌ پريميئر ليگ کي اين او سي جاري ڪري ڇڏيو ان نئين پيش رفت سان سنڌ جي رانديگرن، ٽيم مالڪن ۽ آفيسرن ۾ خوشي جي لهر پکڙجي وئي. ايس پي ايل جو ڀرپور ايڊيشن شاندار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ڪراچي: اڳوڻي صوبائي وزير ناصر حسين شاهه جي صدر ايس پي ايل عارف ملڪ چيئرمين پي سي بي سان ملاقات ڪندي

سکر ۾ تالا ڪٽيندڙ چور کي شهرين هٿيڪو ڪري پوليس حوالي ڪري ڇڏيو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ۾ پوليس اسٽيشن بي سيڪشن جي حد ۾ تالا ڪٽيندڙ چور کي شهرين هٿيڪو ڪري پوليس حوالي ڪري ڇڏيو آهي. سکر پوليس هيڊڪوارٽر پرسان ماجد علي جي دڪان جا تالا ٽوڙي گلينڊر مشين ۽ ٻيو سامان چوري ڪري فرار ٿي رهيو هو ته علائقي واسين چور کي سگهو ڪري اي سيڪشن پوليس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

مقامي ماڻهن کي روزگار جو حق ڏيڻ لاءِ هر محاذ تي جدوجهد ڪنداسين: احمد سعيد جان سرهندي

ٽنڊو محمد خان ضلعي اندر مقامي ماڻهن کي 1 کان 15 گريڊ تائين نوڪريون ڏياريون وينديون، ماڻهن جي حقن تي ڌاڙو هنيو پيو وڃي

ڪاليج، نرسنگ ڪاليج ۽ اين آئي سي وي ڊي سميت سرڪاري ۽ نيم سرڪاري ادارن ۾ مقامي ماڻهن کي روزگار نه پيو ڏنو وڃي

منصوبن ۾ مقامي ماڻهن کي روزگار جي حق کان محروم رکڻ، انهن ۾ ڪرپشن ۽ ٻين بي قائدگين خلاف جدوجهد جو آغاز ڪيو ويو آهي

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي مقامي ماڻهن کي روزگار جو حق ڏيڻ لاءِ هر محاذ تي جدوجهد ڪنداسين، ضلعي اندر مقامي ماڻهن کي 1 کان 15 گريڊ تائين نوڪريون ڏياريون وينديون. اهڙن خيالن جو اظهار ڊسٽرڪٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

کنڊڙو پرسان نئين روڊ ۾ بااثر ٺيڪيدار ارشد علي عرف پپي پاران ناقص مٽيريل جو استعمال

ٺيڪيدار ارشد علي عرف پپي پاران ناقص مٽيريل استعمال ٿيڻ سبب روڊ هينئر سان ئي اکڙڻ لڳو

بااثر ٺيڪيدار پاران ڪارپيٽ ۾ ڊانور جي جاءِ تي ڪاري تيل جو استعمال ڪيو ويو، اختياريون خاموش

سب انجنيئر شوڪت خاصخيلي خلاف انڪوائري ڪرائي سندن خلاف ڪارروائي عمل ۾ آندي وڃي: رهواسي

کنڊڙو (رپورٽ ثناءالله ٽالپر) کنڊڙو پرسان سنجهورو روڊ ويندڙ ڪروڙين روپين جي لاڳت سان تعمير ٿيندڙ نئين روڊ ۾ بااثر ٺيڪيدار ارشد علي عرف پپي پاران ناقص مٽيريل استعمال ٿيڻ سبب روڊ هينئر سان ئي اکڙڻ لڳو، بااثر ٺيڪيدار پاران ڪارپيٽ ۾ ڊانور جي جاءِ تي ڪاري تيل جو استعمال ڪيو ويو. ڳوٺاڻن پاران بااثر ٺيڪيدار خلاف ڪارروائي جو مطالبو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٽنڊي محمد خان ۾ ڊسٽرڪٽ سوشل فورم جي تنظيم سازي بابت هڪ اهم گڏجاڻي

گڏجاڻي ۾ آسپاس جي علائقي جي معززين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي، نبي بخش سٿيو، پير احمد سعيد جان سرهندي ۽ ٻيا موجود هئا

بيروزگاري، صحت، تعليم ۽ ٻين اهم مسئلن تي شهرين سان گڏجي قانوني چاره جوئي ۽ عملي جدوجهد ڪنداسين: اڳواڻ

ڪجهه ڏينهن سڏي ۽ اڻ سڏي ريت ڊسٽرڪٽ سوشل فورم جي قيام ڪان گهرائجي جدوجهد تان هٽ ڪناڻ واري ٽنڊي کي لڳي ويون آهن

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر مظفر علي بروهي) ٽنڊي محمد خان ۾ ڊسٽرڪٽ سوشل فورم جي تنظيم سازي جي سلسلي ۾ هڪ اهم گڏجاڻي شهر جي ٽالپر ڪالوني ۾ عبدالحق زئور جي ميزباني ۾ ٿي گذري، جنهن جي صدارت نبي بخش سٿيي ڪئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٽنڊو محمد خان: ۾ ڊسٽرڪٽ سوشل فورم جي تنظيم سازي بابت گڏجاڻي ٿي گذري

چاچڙي جي ڪافي ڳوٺن ۾ برسات پوڻ سبب موسم خوشگوار ٿي ويو

چاچڙو (رپورٽر) چاچڙي جي ڪافي ڳوٺن ۾ برسات پوڻ سبب ٿر واسين جي چهرن تي مرڪون موٽي آهيون ۽ اڳين ۾ خوشي جي لهر ڇانيل رري مالڪ ۾ آسون اميدون کي ماڻهن پنهنجي ٻني ٻاري کي لڳي ويا اڄان جيڪڏهن سڀيون برساتون نه ونيون ته ڪتي ڪٿي ٿر ۾ ڏڪارجي صورتي حال پيدا ٿي سگهي ٿي ڪافي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

پيپلز پارٽي اڳواڻ امتياز احمد شيخ جو ميڊيا ڪوآرڊينيٽر شڪارپور پريس ڪلب پهتو

پريس ڪلب جي عهديدارن ديدار سومرو، وحيد بروهي، عتيق ڏڪڻ، نادر بلوچ، عبدالخالق سومرو ۽ ٻين آجيان ڪئي

امتياز شيخ پاران شڪارپور پريس ڪلب ۾ 5 ڪي وي جو سولر سسٽم لڳائي رهيا آهيون: ڊاڪٽر تاج

پريس ڪلب روشن ٿيندي ۽ رواني سان پنهنجا فرائض سرانجام ڏئي سگهندا، پريس ڪلبن ۾ سولر سسٽم پڻ لڳايو آهي

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) اڳوڻي صوبائي وزير ۽ پيپلز پارٽي اڳواڻ امتياز احمد شيخ جو ميڊيا ڪوآرڊينيٽر ڪراچي ڊاڪٽر تاج شڪارپور پريس ڪلب پهتو جتي پريس ڪلب جي عهديدارن ديدار سومرو، وحيد بروهي، عتيق ڏڪڻ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

خانپور مهر پرسان سگا پاران هڪ روزه فري ميڊيڪل ڪيمپ قائم

مريض عورتن توڙي مردن ۽ ٻارڙن جي مفت چڪاس ٽيسٽون ڪري کين مفت دوائون پڻ ڏنيون ويون

ڊاڪٽر اشوڪ ڪمار ڊاڪٽر علي حسن مهر، ڊاڪٽر شبنم شاهد دايو، ڊاڪٽر محمد نواز ڪلڙ ۽ ٻين چڪاس ڪئي

هن ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي جي دور ۾ جتي غريب ماڻهن جو گهر جو گذر سفر تمام ڏکيو ٿي پيو آهي: اڳواڻ

خانپور مهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپور مهر پرسان سگا پاران هڪ روز فري ميڊيڪل ڪيمپ قائم، 700 سئو کان وڌيڪ مريض عورتن توڙي مردن ۽ ٻارڙن جي مفت چڪاس ٽيسٽون ڪري کين مفت دوائون پڻ ڏنيون ويون، رپورٽ موجب: سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن گهوٽڪي ۽ خانپور مهر جي اڳواڻن آغا بلاول پٺاڻ، رئوف پارس دايو، علي رضا شاهه ڊاڪٽر محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

خانپور مهر: سگا پاران هڪ روز فري ميڊيڪل ڪيمپ قائم ڪئي وئي

ڏوڪري ٽائيٽي جي وڏي منشي خلاف جلباڻي برادري جي ماڻهن جو احتجاج

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري ٽائيٽي جي وڏي منشي خلاف جلباڻي برادري جي ماڻهن جو احتجاج، ٻاڻ کي ٻاهه ڏئي ساڙڻ جو اعلان. ڏوڪري ٽائيٽي جي وڏي منشي غيور عباسي خلاف شهرين محمد پنهل جلباڻي پنهنجي امڙ مسمات نعمت خاتون، ڀاءُ نثار جلباڻي سان گڏجي ڏوڪري پريس ڪلب ۾ صحافين اڳيان احتجاجي مظاهرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

حيدرآباد ۾ گهر مان ناري ۽ سنڌس معصوم ڌيءَ جو گوليون لڳل لاش هٿ

اناويه سالن جي ناري جنهن جي سڃاڻپ نالي مسمات ريشما زال عبدالفتاح چانڊيو ۽ سنڌس ننگري هڪ سال جي نالي ارمانا طور ٿي

فوتي ناري جي والد شروعاتي طور بيان ڏيندي ٻڌايو آهي ته ناري ڪورٽ مان مڙس سان ڪاوڙجي آئي هئي: وارث

فوتي عورت ۽ ننگري جا لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيا ويندا ۽ وڌيڪ معاملي جي هر رخ کان جاچ ڪئي پئي وڃي: پوليس

حيدرآباد (رپورٽر) حيدرآباد جي قاسم آباد واري علائقي جي پکوڙا اسٽاپ پرسان ڏهراج اپارٽمنٽ ۾ گهر مان ناري ۽ سنڌس معصوم ڌيءَ جو گوليون لڳل لاش هٿ آيو آهي تفصيل موجب اناويه سالن جي ناري جنهن جي سڃاڻپ نالي مسمات ريشما زال عبدالفتاح چانڊيو ۽ سنڌس ننگري هڪ سال جي نالي ارمانا طور ٿي آهي ايس ايڇ او قاسم آباد اعظم گرونگ جو چوڻ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

سلطانپور ۽ ڀرپاسي ۾ مڇر مار اسپري نه ٿي سگهيو

مڇرن جو آزار وڌي وڃڻ ڪري علائقي واسي مليريا جهڙي موذي مرضن ۾ وڪوڙجي ويا

صحت کاتو اڳهور ننڊ ستل، انتظاميا به اک نه پٽي، رهواسي پريشان، واهر ڪرڻ جي اپيل

سلطانپور (رپورٽر) سلطانپور ۽ ڀرپاسي ۾ موجود يونين ڪائونسلز جي لکين روپيا بجيٽ هجڻ باوجود شهرن توڙي ڳوٺن ۾ مڇرمار اسپري نه ٿي سگهي، مڇرن جو آزار وڌي وڃڻ ڪري علائقي واسي مليريا جهڙي موذي مرضن ۾ وڪوڙجي ويا. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٺٽي ۾ جيئي سنڌ تحريڪ ضلعي جو اجلاس

مرڪزي اڳواڻ راول ڪرناٽي، ڄام سنگهار سميت عهديدارن جي شرڪت

ڪنيي گم ڪيل قومي ڪارڪنن جي آزادي لاءِ ايندڙ جمعي تي احتجاج جو اعلان

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) جيئي سنڌ تحريڪ ضلعي ٺٽي جو اجلاس ڊپٽي چيف آرگنائيزر باغي فرهاد ميمڻ جي صدارت ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ جيئي سنڌ تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ راول ڪرناٽي، جيئي سنڌ تحريڪ جي باني/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ٺٽو: جيئي سنڌ تحريڪ ضلعي جو اجلاس ٿي گذريو

خانپور مهر ۾ ايس پي گهوٽڪي منير احمد کهڙو پاران تعزيتون

ايس ايس پي شهيد اهلڪار علي بخش پتافي جي وارثن سان تعزيت ڪئي

نوجوان جي قاتلن کي گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي: وارث

خانپور مهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپور مهر ايس ايس پي گهوٽڪي منير احمد کهڙو خانپور مهر پهچي شهيد اهلڪار علي بخش پتافي جي وارثن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

گهوٽڪي جي رهوسي جوڙي پاران احتجاج، تحفظ جي گهر

مائٽ مهنجي مڙس خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي بليڪ ميل ۽ ڌمڪيون پيا ڏين: ناري

رحمت الله سان سيشن ڪورٽ گهوٽڪي ۾ پسند جي شادي ڪئي آهي، تحفظ ڏنو وڃي

سکر (بيورو رپورٽ) گهوٽڪي جي رهوسي جوڙي ناري مسمات گلزاران ڌي محمد نواز ميراڻي ۽ نوجوان رحمت الله پٽ ليو مهر پسند جي شادي ڪرڻ بعد مٿن ڪوڙا ڪيس داخل ۽ موتمار ڌمڪيون ملڻ خلاف سنڌ هائي ڪورٽ سکر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

نوشهروفيروز: اليڪشن ڪميشن پاران ايندڙ عام چونڊن جي تيارين بابت ٽريننگ فراهم

ليڊ ٽرينرس ريجنل اليڪشن ڪمشنر شهيد بينظير آباد محمد يوسف صديقي ۽ ٻين شرڪت ڪئي

ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر نوشهروفيروز خالد احمد مرزا ۽ ٻيا آفيسر پڻ موجود هئا

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) اليڪشن ڪميشن پاران ايندڙ عام چونڊن جي تيارين جي سلسلي ۾ اڄ ڊپٽي ڪمشنر آفيس جي ڪاميٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

وارهه ۾ پريس ڪلب جي ٽيم جي پاڪستان پيپلز پارٽي جي آفيس تي آمد

ٽيم ۾ صدر طالب حسين چانڊيو، جنرل سيڪريٽري ممتاز علي چنو ۽ ٻين پڻ شامل

پنهنجي پارٽي جي ڪارڪن کي پاڻ سان گڏ ڪٺي هلنداسين: اڳواڻ

وارهه (رپورٽ طالب حسين چانڊيو) تعلقه پريس ڪلب وارهه جي ٽيم جي پاڪستان پيپلز پارٽي جي آفيس تي آمد. ان موقعي تي پاڪستان پيپلز پارٽي طرفان منتخب ٿيل نئي چونڊجي عهديدارن کي تعلقه پريس ڪلب وارهه جي ٽيم صدر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

منياڻي ۾ مفت جنرل ميڊيڪل ۽ بلڊ ڊونيشن ڪيمپ لڳائي وئي

ڪيمپ دوران 645 مريضن جو چيڪ اپ ڪري دوائون ڏنيون ويون

رت جو عطيو ڏيڻ سان انساني جسم ۾ نئون رت پيدا ٿئي ٿو: اڳواڻ

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) سماجي تنظيم يونائيٽيڊ ميمڻ جماعت ڪاهي ممڻ پاران نرجس ميڊيڪل سينٽر منياڻي ۾ مفت جنرل ميڊيڪل ۽ بلڊ ڊونيشن ڪيمپ لڳائي وئي جنهن ۾ 645 مريضن جو چيڪ اپ ڪري دوائون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

نوشهروفيروز: ۾ مفت جنرل ميڊيڪل ۽ بلڊ ڊونيشن ڪيمپ لڳائي وئي

سکر سب ڊويزن جي آفيسرن جي بدلي ۽ مقررين جو سلسلو جاري

سب ڊويزن 2 جي مشتاق احمد قريشي کي بدلي ڪري ڪيس سکر سائيڊ تي مقرر ڪيو ويو

همدرد انسان جي هر هنڌ ضرورت هوندي آهي ۽ خلمتن کي ڪڍهن وساري نٿو سگهجي: اڳواڻ

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر سب ڊويزن جي آفيسرن جي بدلي ۽ مقررين جو سلسلو جاري، جيئن ته سب ڊويزن 2 جي مشتاق احمد قريشي کي بدلي ڪري ڪيس سکر سائيڊ تي مقرر ڪيو ويو، جنهن پنهنجي عهدي سب ڊويزن 2/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٽنڊو محمد خان ۾ ايس ايس سليم شاهه چارج سنڀالڻ کانپوءِ منشيات فروشن خلاف ڪريڪ ڊائون شروع

ايس ايس سليم شاهه چارج سنڀاليندي ئي منشيات فروشن خلاف ڪريڪ ڊائون شروع، پنج منشيات فروش گرفتار ڪرڻ جي دعوي!

منشيات فروشن جي قبضي مان وڏي مقدار ۾ منشيات هٿ ڪري مٿن ڪيس داخل، عوام کي منشيات جي خاتمي لاءِ تعاون ڪرڻ جي اپيل

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر مظفر علي بروهي) ايس ايس سليم شاهه چارج سنڀاليندي ئي منشيات فروشن خلاف ڪريڪ ڊائون شروع. ٽنڊو محمد خان پوليس مختلف هنڌن تي ڇاپا هڻڻ شروع ڪري ڇڏيا، پوليس جي ڪارروائي دوران پنج منشيات فروش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

جهڏو ۾ سيمينس ڪمپني پاران سيمينار منعقد

بزنس تنوير اڪرم، راشد خان، علي حسن ڪولاچي ۽ ٻين شرڪت ڪئي

فصلن کي پاڻ اسپري ڏيڻ ۽ ايندڙ نوان فصل پوکڻ جي ڄاڻ ڏني وئي

جهڏو (رپورٽر) جهڏو موسم جي صورتحال ۽ فصلن ۾ سٺي پيداوار وڌائڻ لاءِ ٽارگيٽ علي اڪبر گروپ ۽ سيمينس ڪمپني پاران سيمينار منعقد ڪيو ويو. خبر موجب فصلن ۾ سٺي پيداوار ۽ فصل کي مرضن کان بچاءَ لاءِ ٽارگيٽ علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

جهڏو: سيمينس ڪمپني پاران سيمينار منعقد ڪيو ويو

دادو ۾ شهر اندر ڪنڊا ڪنيڪشن، بقايا جات خلاف آپريشن، 400 غير قانوني ڪنيڪشن ڪاٽا

پوري شهر اندر ڪنڊا ڪنيڪشن خلاف سخت آپريشن شروع ڪيو ويو آهي ۽ رهيل بل جمع ڪرايا ويندا: انجنيئر طائف ميمڻ

ڪوشش آهي ته شهر اندر اضافي لوڊشيڊنگ جو خاتمو ڪري شهرين کي بجلي جي سپلاءِ بهتر نموني ڏئي سگهجي

هر فيڊر تي غيرقانوني ڪنڊا ڪنيڪشن ختم ڪرڻ سان انهن فيڊرن تي نظر رکي ويندي جيئن وري ڪنڊا نه لڳي سگهن

دادو (ن سنڌيار) دادو ۾ سيپڪو جي نئين مقرر انجنيئر طائف حسين ميمڻ، ايس ڊي او سب ڊويزن دادو جهندو خان جمالي ڀيرين ڏينهن چارج وٺندي سيپڪو چيف سکر دادو شهر اندر ڪنڊا ڪنيڪشن، بقايا جات خلاف دادو شهر جي مختلف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

دادو: ڪنڊا ڪنيڪشن خلاف سخت آپريشن شروع ڪيو ويو

گلاب لغاري پرسان جوابدار ڪٽيل لوهي جهلون چمپلون آري بليڊ ۽ ٻيو سامان ڇڏي فرار ٿي ويا

گلاب لغاري (رپورٽ گلزار لغاري) گلاب لغاري پرسان حاجي الهڏنو سريوال مسافرخاني اسٽاپ پرسان کي نامعلوم چورجمبڙ کان شيخ پرڪيو گرڊ اسٽيشن ڏي ويندڙ بجلي جي هڪ لک پنجاهه هزار ڪلو وات kv جي هاءِ ٽرانسميشن لائين جي ٿنڀن ۾ هزارين روپين جي ماليت جي لڳل لوهي جهلون چوري ڪٽڻ جي ڪوشش ڪرڻ دوران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ڀرياسٽي مان نيشنل بينڪ برانچ ختم ڪري ٻئي هنڌ منتقل ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

هيڊ ماستر طفيل احمد جوڻيجو، غلام مصطفى سولنگي، محمد قاسم جوڻيجو، محمد صادق راجپوت، رياض احمد خاصخيلي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ماڻهن جا اڪائونٽ نيشنل بينڪ برانچ ڀرياسٽي ۾ آهن جتان هو آسائي سان اچي بئنڪ مان سهولتون وٺن ٿا ملازم پگهارون کڻن ٿا: مظاهرين جون ڏانهون

بينڪ ٻئي هنڌ منتقل ٿيڻ سان هتان جي عوام کي نقصان ٿيندو سفر ڪرڻو پوندو جو ته هڪ پاسي امن امان جي صورتحال خراب آهي، نوٽيس ورتي واهر ڪئي وڃي

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ڀرياسٽي مان نيشنل بينڪ برانچ ختم ڪري ٻئي هنڌ منتقل ڪرڻ خلاف گورنمنٽ سنڌي پرائمري ڪئمپس اسڪول جي استادن جو هيڊ ماستر طفيل احمد جوڻيجو، غلام مصطفى سولنگي، محمد قاسم جوڻيجو، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نوشهرو فيروز: ڀرياسٽي مان نيشنل بينڪ برانچ ختم ڪري ٻئي هنڌ منتقل ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

ٽنڊو محمد خان ۾ پرائمري استاد اسدالله لنڊ تي ڪيل قاتلاڻه حملي خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ راهو هاليپوٽو جي سرڪاري اسڪول جي ماستر اسدالله لنڊ تي وڏيري جي بدمست پٽ خالد هاليپوٽو جي ڪيل قاتلاڻه حملي خلاف احتجاج ڪيو ويو

بااثر خالد هاليپوٽو سرڪاري اسڪول جي چار ديواري ۾ پرائمري استاد اسدالله لنڊ تي قاتلاڻه حملو ڪري ڊيوٽي اٽڪا سان گڏ استاد جي تذليل ڪئي آهي: مظاهرين

پوليس بااثر جي مداخلت جي ڪري وڏيري جي بدمست پٽ کي گرفتار ڪري نه سگهي آهي جيڪو وري استاد کي ڪيس تان دستبردار ٿيڻ لاءِ ٻيهر قاتلاڻه ڌمڪيون ڏيئي رهيو آهي

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي بلڙي شاهه ڪريم جي ڳوٺ راهو هاليپوٽو ۾ سرڪاري اسڪول جي اندر وڏيري جي بدمست پٽ خالد هاليپوٽو جي پرائمري استاد اسدالله لنڊ تي ڪيل قاتلاڻه حملي خلاف استادن جو احتجاج. ٽنڊو محمد خان ۾ بلڙي شاهه ڪريم جي ڳوٺ راهو هاليپوٽو جي سرڪاري اسڪول جي ماستر اسدالله لنڊ تي وڏيري جي بدمست /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ناروشاهه ۾ پورهيت مٿان ٿيل حملي جا جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ ٻيدل سولنگي جي رهواسين جو زخمي نديم سولنگي گلزار مور سولنگي ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪيو

مخالف راشد سولنگي حميد اقبال سولنگي ۽ ٻيا ڪيس ۾ گهربل جوابدارن پورهيت کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي: مظاهرين

جيستائين حملي آور جوابدار گرفتار نه ٿيندا ۽ ڪرپٽ ايس ايڇ او جمشيد راجپوت کي نه هٽايو ويندو تيستائين ڌرڻو جاري رهندو

ناروشاهه (رپورٽر) هڪ ڏينهن ڪورٽ مان سنوائي تان موٽندڙ پورهيت مٿان ٿيل حملي جا جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف ڳوٺاڻن جو ٽائي جي مک گيٽ آڏو ٽائرن کي باهيون ڏئي احتجاج ڪيو ويو ٽريفڪ معطل. ناروشاهه پرسان ڳوٺ ٻيدل سولنگي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ناروشاهه: پورهيت مٿان حملو ڪندڙ جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

کهڙا پرسان دڪاندار وارث آرائين کي جوابدار زخمي ڪري ڇڏيو

گمبٽ (رپورٽر) کهڙا ويجهو خيرپور لاڙڪاڻي روڊ تي جاگيراڻي اسٽاپ وٽ دڪاندار وارث آرائين کي مبينا رند برادري جي ماڻهن لٺيون ۽ ڏنڊا هڻي سخت زخمي ڪري ڇڏيو اطلاع تي پوليس نه پهچي سگهي ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ ڪرائي گمس اسپتال منتقل ڪيو ويو. واقعي خلاف آرائين برادري جي ماڻهن ۽ ڳوٺاڻن خيرپور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

دادو ۾ نئون مقرر ٿيل ڊپٽي ڪمشنر فياض حسين راهوجو پاران مختلف اسپتالن جو دورو

ڊپٽي ڪمشنر دادو فياض حسين راهوجو آڏو سول اسپتال جي گائني وارڊ اندر عورت مريضن جي وارثن شڪايتن جا انبار لڳائي ڇڏيا

اسان کي اسپتال انتظاميه پاران بستري کان علاوه ٻي ڪا به سهولت فراهم نه پئي ڪئي وڃي: مريضن جي وارثن جون ڏانهون

شڪايتن جي انڪوائري ڪري رپورٽ ڏئي ته جيئن ملوث عملي خلاف قانوني قدم کڻي سگهجي: ڊپٽي ڪمشنر

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ نئون مقرر ٿيل ڊپٽي ڪمشنر فياض حسين راهوجو پاران ڊپٽي ڪمشنر دادو جي چارج سنڀالڻ بعد سول اسپتال دادو ۽ ڊسٽرڪٽ هيڊڪوارٽر اسپتال جو دورو ڪيو سول اسپتال انتظاميه ۾ نئين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ٽنڊي محمد خان ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ پاران هفتيوار دستوري ادبي ويهڪ

هڪ سنڌ ۽ هڪ سنڌي ادبي سنگت جي تمنا پايه تڪميل تائين پهچي چڪي آهي، جيڪا هڪ منفرد تاريخ آهي: اڳواڻ

مسلسل ادبي ويهڪون تحسين لائق قدم آهي، جنهن مان سنڌي ادب بابت ڄاڻ سان گڏ سکڻ جو تمام گهڻو موقعو ملي ٿو

سمورن ساٿين ۽ وندن کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا، جن ذاتي انائن ۽ مفادن مٿان سنگت جي مجموعي مفادن کي اهميت ڏني

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر مظفر علي بروهي) ٽنڊي محمد خان ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ پاران هفتيوار دستوري ادبي ويهڪ ڊاڪٽر جمال ناصر سولنگي جي صدارت ۾ ٿي گذري. ادبي ويهڪ ۾ عاشق علي ڳاهو "غزل"، ونمل شرما "نثري نظم"، غلام نبي "شاعر" خاصخيلي "غزل"، نجيب الله گهرائو "غزل"، جان محمد لغاري "گيت"، اياز غفور سولنگي "نثري نظم" "اصلاح لاءِ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ٽنڊو محمد خان: سنڌي ادبي سنگت شاخ پاران منعقد هفتيوار گڏجاڻي جو ڏيک

دولتپور صفن: صوفي بزرگ ميان حافظ ميان دائود احمد ڪوڪر رحه جو عرس شروع

دولتپور صفن (رپورٽر) دولتپور جي مشهور روحاني صوفي بزرگ ميان حافظ ميان دائود احمد ڪوڪر رحمت الله عليه جو سالياني ٽن ڏينهن وارو عرس مبارڪ دولت پور ۾ شروع ٿي ويو درگاهه شريف جي خدمتگار فقير پيار علي ڪوڪر پاران درگاهه شريف تي حاضري ڀري گلن جي چادر چاڙهي عرس مبارڪ جي رسمن جو افتتاح ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

جوهي ۾ زرعي پاڻي بند ڪرڻ تي آبپاشي انجنيئر ايس ڊي او ۽ پاڻي چورن خلاف احتجاجي مظاهرو

آبادگارن امام علي روستماڻي، جهندو خان لغاري، گلشير رند، ايوب لغاري، خان محمد روڏناڻي، شاعر خليل عارف سومرو، روشن علي باهوٽو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

آبپاشي انجنيئر بلارام ۽ ٻين ڪرپٽ عملدارن کي فرمائش تي مقرر ڪرڻ سبب جوهي تعلقي جي زرعي پاڻي تي منڊ جا پاڻي چور آبادگار قابض لڳا پيا آهن: مظاهرين

تعلقي اندر لکين ايڪڙ زرعي زمينون غير آباد آهن هاڻ ته آبادي ناهي پر پيئڻ جو پاڻي ناياب آهي انساني آبادي سان گڏ پکي جانور چوپايو مال به اڃ مري رهيو آهي

جوهي (رپورٽر) جوهي ۾ زرعي پاڻي بند ڪرڻ تي آبپاشي انجنيئر ايس ڊي او ۽ پاڻي چورن خلاف جوهي جي آبادگارن امام علي روستماڻي، جهندو خان لغاري، گلشير رند، ايوب لغاري، خان محمد روڏناڻي، شاعر خليل عارف سومرو، روشن علي باهوٽو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري سوين مڇريل آبادگارن پاڻي ناهي چو پلا ڪربلا ڪربلا جا آب ڏاريندڙ نعره هڻندا جوهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سمر پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي *** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
آچر 10 سيپٽمبر 2023ع

چونڊون وقت تي ٿئي ٿيڻ گھرجن

آئين موجب ته نگران جو اهوئي ڪم هوندو آهي ته اهي ملڪ ۾ چونڊون منعقد ڪرائي ۽ اقتدار چونڊيل حڪومت حوالي ڪري هليا وڃن. پر جيڪو ڪجھ بظاهر نظر اچي رهيو آهي. تنهن مان ائين لڳي ٿو ته نگران سيٽ اپ کي ڊگهي مدي وارن ڪمن ۾ هٿ وڌو آهي، جن جي تڪميل جي لاءِ گھڻو وقت لڳي ويندو. مختلف مبصرن. نگران جي اچڻ کان اڳ پڻ اهو چئي رهيا هئا ته نگران اهڙن ٽيڪنوڪريٽس جو سيٽ اپ هوندو جيڪو پهرين معيشت کي اوليت ڏيندو ان بعد چونڊون ٿينديون.

هن وقت به ٿوري گھڻي ڦير گھير سان ساڳي ڳالهه ورجائي پئي وڃي. اهو درست آهي ته حڪومت اهو ته چئي ٿي ته آئين تي عمل ڪيو ويندو ۽ عدالت جي حڪم ملڻ سيني کي ان جي پابندي ڪرڻي پوندي. ان هوندي به سماج ۾ مان بي يقيني واري ڪيفيت نٿي ختم ٿئي. اهو جيڪو ڪم هن وقت حڪومت ڪري رهي آهي اهو ساڳيو ڪم ايندڙ حڪومت به ڪري سگھي ٿي. پاڪ فوج ڪي ان ايندڙ حڪومت جي اهڙي ريت مدد ڪرڻ گھرجي. پوءِ اهو جواز چو ته اول ملڪ جي معيشت کي درست ڪبو ان بعد ڪو ٻيو ڪم ڪبو؟

ملڪ هن وقت ڪيئي بحرانن کي منهن ڏئي رهيو آهي. جنهن ۾ سياسي، معاشي ۽ آئيني بحران اهم آهن صدر ۽ چيف جسٽس جو مدو پورو ٿي رهيو آهي. انهن بعد صورتحال به مونجهاري ۾ ورتل آهي، انڪري چونڊن کي ڪنهن به طرح اڳتي وڌائڻ واري عمل سان ملڪ ۾ وڏيڪ ڳتي واري صورتحال پيدا ٿي سگھي ٿي. ملڪ جي رسمي ۽ غير رسمي ميڊيا ۾ اها ڳالهه هلي رهي آهي ته اسٽيبلشمينٽ فيصلو ڪري ورتو آهي ته اول ملڪي معيشت کي بهتر ڪيو وڃي. ان بعد چونڊن جي تاريخ جو اعلان ڪيو ويندو. جنهن جو مطلب ته ايندڙ 6 مهينن تائين چونڊن جو ڪوبه امڪان نه آهي.

اهو درست آهي ته نگران حڪومت جي اسمگلنگ ۽ بجلي ٽوڙي گُسس چورين ۽ ڊالر جي غيرقانوني ڪاروبار ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪنيل قدمن سان هڪ بهتر جو اشارو ملي رهيو آهي پر اهو سڀ ڪجھ ته انهن کي ڪرڻ ئي گھرجي ها. ان مان اهو مطلب نه ورتو وڃي ته اهي هاڻي پلي پنهنجي مرضي سان چونڊون ڪرائين اهڙو ڪو به عمل ملڪ جي آئين جي سڌي لتاڙ هوندي. جنهن بعد سموري معاشري کي وري هڪ ڊگھو سفر ڪرڻو پوندو جهن جي منفي اثرن کان ڪو به نه بچي سگھندو.

هن سموري معاملي جو انتهائي دلچسپ پاسو هي آهي ته ملڪ جون سموريون سياسي جماعتون جهڙو ڪر عوام کان مڪمل لاتعلقي جو اظهار ڪري چڪيون آهن. اقتدار حاصل ڪرڻ بعد اتحادي جماعتن جو آئيني مدو پورو ڪرڻ وارو خواب تي پورو ٿي ويو پر انهن جي لڪي وڃڻ بعد ماڻهون وڏيڪ مسئلن ۾ ڦاسندا پيا وڃن. هميشه جيان هن وقت وري اقتدار حاصل ڪندڙ اتحادي جماعتون هڪ ٻئي تي الزام مڙهڻ جو سلسلو شروع ڪري ڏنو آهي، جنهن مان به لڳي ٿو معاملا سڌا نه آهن. اهڙي ڪنهن به عمل سان پڻ اڳتي هلي ڪري انهن کي ئي نقصان ٿيندو جنهن جو به ڪين جلد ئي اندازو ٿي ويندو.

اميد ڪجي ٿي ته نگران حڪومت ملڪ جي جنهن آئين موجب قسم کنيو آهي ان آئين ۾ چونڊن بابت واضح لکيل مدي موجب اهو ڪم اڪلائيديون جنهن سان ئي ملڪ ۾ سمورن گھوٽالن کي ختم ڪرڻ ۾ مدد ملندي. اسان جو خيال آهي ته ملڪ جي آئين کان ان بابت رهنمائي ورتي وڃي ته ان جو چٽو حل ملي ويندو.

چار ڪروڙ بجلي جا مفت يونٽ ورهائيندڙ اسان جون حڪومتون

تحرير: رياض ابڙو

هن مهل تائين هيءَ رياست انهن غريب ۽ امير ملڪن کان به اڳ ڪٿي وئي آهي جيڪي هن رياست کانپوءِ آزاد ٿيا. هن رياست مان ئي ڦٽي نڪتا ان ڪري رياست انهن خاص ماڻهن کي انهن فري بجلي فراهمين کان علاوه فري گيس جا ڪيوبڪ جيڪي عام ماڻهو سردين جي موسم ۾ 3 اسڪوائر فٽ ڪيوبڪ به نه ٿو ساڙي پر انهن ماڻهن کي 300 ڪيوبڪ فري گيس فراهم ڪئي ٿي وڃي ۽ پيٽرول ۽ ڊيزل جا 2000 کان 3000 فري ليٽر ڏنا ٿا وڃن. ان کان علاوه مفت جا سرڪاري گھر، سرڪاري گاڏيون، سرڪاري نوڪر چاڪر، حج ۽ عمرا ۽ ٻاهرين ملڪن جا ٽوئر ۽ انهن جي ٻارن کي مفت جون تعليمي سهولتون ۽ جڏهن حڪومتن ۾ هجن ٿا ته مفت جا سرڪاري پروٽوڪول به. ان کان به وڌيڪ جيڪي به وزير ۽ مشير هجن ٿا اهي پنهنجي پنهنجي اولادن کي انهن سيٽن ۽ مسندن تي به پڄائن ٿا. اهي صدر ۽ وزيراعظم ايتري ته صوابديد ٿا رکن جو پنهنجن 400 کان به وڌيڪ مٽن مائٽن کي فري حج ۽ عمرا به ڪرائين ٿا (جيئن هاڻويڪ صدر ڪرايا). جيڪي 2 لک "اليٽ ڪلاس" جا ماڻهو آهن. ان کان به وڌيڪ جيڪي سيڪٽري ۽ چيف سيڪٽري ليول جا سرڪار ملازم هجن ٿا اهي جيتري ڪرپشن ۾ ملوث هجن ٿا جنهن جو اندازو لڳائڻ مشڪل هجي ٿو. ان ڪري ته اهي سرڪاري مسندن تي فائز هجن ٿا جيئن چيف جسٽس پلي 15 لک پگھار ڪٿي پر ان کي تاحيات معني سموري زندگي جيستائين جيئرو هوندو تيستائين سرڪاري گھر، بجلي، گيس، پيٽرول ۽ طبي سهولتون مفت فراهم ڪيو وينديون ۽ سندن جي ٻارن جا تعليمي خرچ ڪاهار به. ان ڪري ته انهن سموري زندگي رياست جي خدمت ڪئي آهي ۽ پنهنجي اڻٿڪ محنتن ۽ ڪمال جي جدوجهدن سان هن ملڪ کي هن حال تائين پڄايو اٿن پلا جي اهي مراعات هر امير ۽ اعليٰ درجي جي ماڻهو کي ڏين ٿا ته پوءِ هڪ عام ماڻهو (ملازم) ڪهڙو ڏوهه ڪيو جيڪو سموري زندگي هن رياست جي تعليمي نظام، پوليسي نظام.. ۾ ٻئي ڪنهن سرڪاري ملازمت کي ڏئي پنهنجي رت سٽ ساڙي هن معاشري جي آبياري ٿو ڪري ته پوءِ انهن ڪهڙو ڏوهه ڪيو. اهي به هن رياست جي خدمت ٿا ڪن اهي به هن رياست جي ادارن ۾ زندگي کپائن خرچ ڪندا رهن ٿا. پوءِ انهن به پينشن لهڻي انهن کي به مراعات ڏنيون وڃن انهن کي به زندگيءَ جون آسائشون بخشيون وڃن جي نه ته پوءِ سڀ برابر پوءِ ڪلاسيفڪيشن ڇو؟. جيڪو جيترو چالاڪ ۽ پختو آهي اهو اوترو ڪمائيندو ۽ اهو اوتريون خدمتون حاصل ڪندو ۽ جيڪو جيترو سادو ۽ نٻل آهي اهو اوترو چٻبو رهبو.

لاانفورسمينٽ ايجنسين جا ماڻهو جيڪي ڪٿي گھڻ گھر جا ناهن هوندا پر جي نظام هڪ ڳرو هجي ۽ سڀ جا سڀ رڳو رياست جي نوڪري ڪن ۽ ڪنهن کي به مفت جا مراعات نه ملن ۽ ڪير به ان آسري نه هجي ته جيڪي به آءِ ايم ايف جا اربين ڊالر ملندا اهي سڀ انهن تي خرچ ٿيندا. جيڪي به اعليٰ نسل جا ماڻهو آهن جيڪي هن خطي، ملڪ ۾ رهن ٿا جن تي خدمت ان ڪري به فرض آهي ته اهي هن عوام جي خدمت ۾ پيش پيش آهن. پر ٿلهي ليکي ڏسجي ته اهي پاڻ ۾ پيا ٿا وڙهن اهي پاڻ ۾ پيا ٿا قانونن جي جنگ وڙهن اهي هڪٻئي جي فيصلن کي ويٺا ٿا چيلينج ڪن ۽ انهن کي پڪ آهي ته اسلام آباد ڪورٽ جي فيصلي کي لاهور ڪورٽ چيلينج ٿي ڪري. لاهور ڪورٽ جا فيصلا جڳاڙي ۽ ڪوڙا هوندا آهن انهن ڪورٽن جي فيصلن ۾ سپريم ڪورٽ کي سياسي بوءِ محسوس ٿيندي آهي. انهن جي فيصلن ۾ ڪڏهن به سچائي ناهي هوندي. اهي فيصلا اهي ڪورٽون رڳو پنهنجي پنهنجي سياست کي، انهن سياسي ڌڙن کي نوازينديون آهن جيڪي انهن جي پسند جا هوندا آهن. اهي فيصلا شخصي ناهن هوندا.

2018 ۾ نوازشريف جي لاءِ طبي بهانا ڳولهي ان کي رليف ڏنن ته جيستائين نوازشريف لنڊن نه ويندو تيستائين جي نه سگھندو. هاڻي لاهور ڪورٽ توشاخانا جو ڪيس هڏايو ته سپريم ڪورٽ ان فيصلي کي ڪوڙو قرار ڏنو. ڪالعدم جٺي پي ٽي آءِ جي چيئرمين کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو ته ٻئي ڪورٽ فورن سائيفر جي ڪيس ۾ ڪيس وري گرفتار ڪري ورتو هاڻي ڪورٽون ته وري به ڪورٽون ٿيون. هڪ وٽ هڪڙو ڪيس صحيح، اهو ڪيس ٻين وٽ غلط آهي. اهي پارٽين جا جهنڊا هٿي ويٺيون آهن اهي سمجهن ٿيون ته اهي جيڪو ڪن پيون عوام ڪجھ نه ٿو سمجهي پر انهن جا مراعات صحيح آهن اهي جيڪي ڪجھ رياست کان وٺن ٿيون اهو غلط ناهي. جي انهن ڪورٽن تي ورڪ لوڊ آهي ۽ لکين ڪيس جيڪي اڪلائي نه ٿا سگھن. ماڻهو هن دنيا مان مري کپي ٿا وڃن تڏهن اهي ڪيس ڪولي ڏسي فيصلو ٿا ڏين جيئن مشرف جي مٽي کي ڇهه مهينا گذري ويا تڏهن انهن ڪورٽن فيصلو صادر ڪيو ته مشرف جيڪا آرٽيڪل 6 جي ڀڃڪڙي ڪئي هئي سا غلط هئي پوءِ اهڙن فيصلن مان رياست ۽ عام ماڻهوءَ کي ڪهڙو رليف ملي سگھي ٿو پر اها ڳالهه هاڻي عوام سمجهي ويو آهي ته اهي جيڪي به رياستي دوڪان آهن انهن جي خرچن جو نسبتن بار عوام جي مٿان وڌو ٿو وڃي، جيڪي رولنگ ڪلاس آهن جيڪي طبقا حڪومتي ڪرسين تي ويٺل آهن انهن جا مٿان رياست جيترو خرچ ٿي ڪري اهو غريب عوام جي ڪيسي مان ڪڍيو ٿو وڃي. غريب عوام جي پگھر جي عيوض اهي سڀ عياشيون ٿا ڪن.

پي ٽي آءِ پنهنجي دور ۾ 3000 لگجري گاڏيون قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي شخصن جي لاءِ گھرايون ان ڪري ته جيئن اهي ادارا راضي ٿي سگھن، تاحيات خوش رهن ۽ ان دور ۾ لاانفورمينٽ اعليٰ عملدارن جون پگھارون 300 سيڪڙو تائين وڌايون به ويون. انهن جي پينشن ۾ اضافو ٿيندو رهيو پر اها به حقيقت هئي ته جنهن گريڊ ۾ رياستي جا پيا ملازم گاڏيون. بنگلا. مفت جون بجليون. گيس ۽ پيٽرول ۽ ڊيزل. حج. عمرا ادا ڪندا رهن ٿا ان اسپيڊ سان هاڻي لاانفورمينٽ ادارن جي شخصن کي به ملڻ گھرجي ان ڪري جو عوامي نمائندا ته ٽڪي جي ووٽ تي عياشي ڪري ٿا وڃن پر جيڪي شخص سڄو ڏينهن بندوقون ڪٺي هن عوام جي چڱائي ۽ ڀلائي ڪن ٿا انهن کي ڇا ٿو ملي ان ڪري اسان وٽ سسٽم ۾ "ريس" وارو فيڪٽر گھٽو ٿي پيو آهي.

ساڳي تناظر ۾ منسٽر به اهو ٿا سوچن ته رڳو امپورٽ تان پابندي هٽي ان ڪري ته جيڪي به امپورٽس اچن ٿيون اهي اچن ئي رڳو امير طبقي جي لاءِ ٿيون جي پلا اهي امپورٽس ختم ٿي وڃن. اهي امپورٽس بند ٿي وڃن ته ناٿي تان ان صورت بار لهي پئي جو هڪ ته بجيٽ ڊيفيسٽ کان بچي پئجي. پيو ته ڊالر جي خرچ ٿيڻ جا بهانا ختم ٿي وڃڻ ۽ ٿيون ته لوڪل شين تي ماڻهن جو ايمان وڌي پئي ۽ رياست وٽ به پيسن ڪمائڻ جا طريقا آسان ٿي پون.

گذريل حڪومتن جيڪي ٽن سالن ۾ جيڪي ڪم نه ڪري سگھيا سي عارضي سرڪار ٽن مهينن ۾ ڇا ڪري سگھندي. رياست ۽ اسٽيبلشمينٽ جي اها به چالاڪي آهي ته انهن شهبازسرڪار کان پيا ڪم نه ڪرايا (يا نه ڪرائي سگھيا) پر انهن هڪ شيءِ ضرور ڪرائي ته هاڻوڪي نگران سيٽ اپ کي اختيار ڏئي ويا ته اهي آءِ ايم ايف سان ڊسمبر ۾ رٿيل ايگريمينٽ ڪري سگھن ۽ انهن سان پڻ اهو معاهدو به ڪري سگھن ته اهي هر ٽماهي ۾ بجلي ۽ گيس سميت پيٽرول جون قيمتون وڌائيندا رهندا ڇو ته رياست هاڻي ٽڪجي پئي جو ادارا گروي رکي رکي ۽ هنن سڪوڪ بانڊ به وٺي ڏنا ۽ رياست جو گاڏو گيڙي ڏنن ۽ هر دور ۾ عوام مٿان ٽيڪسز هڻڻ جا تجربا به ڪندا آيا جيئن نوازشريف جي 1990 واري دور کان وٺي جي ايس ٽي هٽي ڏٺي ته عوام چپ هيو. ٻي دور ۾ ڪنزيومر ٽيڪس به هٽي ڏنن وري آهستي آهستي هنن اهو به ڪري ڏنو ته جيڪو به ماڻهو ماهوار ڪمائي انهن جي پگھارن مان انڪم ٽيڪس به ڪٽيو. وري رياست اهو به ڏنو ته عوام ان ۾ به خوش آهي ۽ انهن کي رڳو هڪ ڳالهه جو اونو ٿو رهي ته جيڪا به بجيٽ اچي ان ۾ رڳو پگھار وڌي باقي خير آهي پوءِ حڪومت جي مرضي آهي ته جيئن وٽيس تيئن ڪري.

ان ڪري حڪومت به ماڻهن جو پاڻي ڪڇي ڏنو ۽ آخر وڃي رياست ان ڳالهه تي بيٺي ته پيٽرول، گيس ۽ بجليءَ جا اگھ وڌائي پنهنجا عياشيءَ جا سامان آسان ڪري سگھن ۽ آهستي آهستي رياست ان ڳالهه تي به آئي ته بجليءَ جي بل ۾ هر شيءِ هٽي سگھجي ٿي جو هاڻي بجليءَ جي بل ۾ ٽي ويءَ ۽ ريڊيو لائيسنس جي فيس سان گڏ ويلٿ ٽيڪس ۽ هاڻي انڪم ٽيڪس به هٽي ٿا موڪلن ۽ سپاڻي الائي جي ڇا ڪندا.

اڪ دريا ڪا سامنا ٿا منير مجھ ڪو

طفيل مگسي

سقراط جي ويجهو اعلي شاعري ۽ اعلي موسيقي سماج کي بدلائي ڇڏڻ جون طاقتون رکن ٿيون. انهن ٻنهي صنفن علم وادب جي شاگرد هئڻ جي حيثيت سان مون جهڙي ادني لکندڙ اهو ڏٺو آهي ته ڪيئن شاعري ۽ موسيقي سماج تي اثر انداز ٿين ٿا. اسان جي آس پاس وارن ترقي يافته ملڪن جي لازوال ترقي ۾ انهن جي شاعري، موسيقي ۽ آرٽ جو به وڏو هٿ رهيو آهي. ساڳئي ريت برصغير ۾ به انهن ٻنهي صنفن معاشري کي ڪافي ڪجھ ڏنو آهي يعني هڪ سٺو شعر، هڪ سٺو گيت ڪنهن وڏي انقلاب جو پڙاڏو بڻجي سگھن ٿا. وڏو شعر اهو هوندو آهي جيڪو اڄ چيو وڃي ته گذريل ڪالهه واري تاريخ، اچڻ واري سچائي جي ڄاڻ ڏيئي ۽ مابعد الطبيعيات ۾ ملڻ واري حقيقت کي ننگو ڪري ڇڏي. سٺي موسيقي اها هوندي آهي جيڪا اوهان کي پنهنجي ٽرانس ۾ رٽي وجهي ۽ اوهان جي ان بل ۾ ملڻ واري ڪيفيت کي بدلائي ڇڏي، هڪ جملي ۾ سٺي موسيقي جي تعريف ڪريو ته سٺي موسيقي دنيا جو آخري جادو سڏبي. اوهان جي دلچسپي جي لاءِ شعرن ۾ استعمال ٿيڻ وارن ڪجھ شاعري جو ذڪر ڪرڻ چاهيان ٿو مثلا شراب يا نشو بي انتها محبت جا اشارا آهن. ميڪدو، مادي دنيا جو اشارو آهي. ساقي، خدا جو اشارو آهي. برباد ٿيندو تباه ٿيندو بي پناه علم ۽ ڄاڻ جا اشارا آهن.

اهي اشارا عمومي مجازي کان حقيقت جي معنائن ۾ استعمال ڪيا ويندا آهن ۽ اهو سڀ ڪجھ مجازي هوندو آهي ۽ جيستائين مجازي کي حاصل نٿو ڪري سگھجي تيستائين حقيقي تائين پهچ حاصل نٿي ٿيئي. غالب جو شعر هڪ تاريخ بيان ڪري رهيو آهي، ماضي جي تاريخ ۽ مستقبل جو نقشو چٽي يا چڪي رهيو آهي، ان دور ۾ مسلمانن جي علمي ۽ مادي بحالي کي بهرين مصري ۾ بيان ڪري پئي ۽ بيڪار مستقبل جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. اهو مجاز کان حقيقي ڏانهن سفر آهي، هر نتيجو مابعد الطبيعيات هوندو آهي ۽ دعوي، تجزيو سفر ۽ مجازي جو رستو ۽ مادي بڻجي وڃي ٿو نتيجي جا نتيجا وري\ پوءِ مابعد الطبيعيات هوندا، جيڪي وري دعوي ۽ تجزيا بڻجي وڃن ٿا. ان ريت هڪ سرڪل هلندو رهي ٿو. ليڪن گرم سچ پاڻ سچ جو ٽڪراءُ آهي. ڪو به سچ سدائين سچ نٿو رهي ۽ ڪو به ڪوڙ سدائين ڪوڙ نٿو رهي، ٻئي مستقل طور تي چرپر ڪن ٿا ۽ بدلبا رهن ٿا. سچ به پار جيترو آهي ۽ ڪوڙ به پار جيترو آهي. ٻنهي منجهان جيڪو هڪ به سماج ۾ هوندو. ان جو نسل وڌو ٿيندو غالب ڄٽي ٿو ته اوهان جيڪي بهتري جا رستا اختيار ڪندا ته يقينن ان جا نتيجا به بهتر ملندا. پر جيڪي ڪم ڪچن بنيادن تي ڪيا ويندا. انهن جا نتيجا پختا يا پڪا نه هوندا. پاڪستان جا ڪرتا ڌرتا گذريل پنجهتر سالن کان امريڪا ۽ ان جي پيراسائيٽ ادارن کان ملڪ ۽ عوام جي نالي تي قرض وٺي ڪري عياشيون ڪري رهيا آهن. جنهن جو نتيجو اوهان جي سامهون آهي ته انهن قرضن کان نه ملڪ ۽ نه ئي عوام. ڪي ڪو فادو رسي پيو جنهن جو جيڪو نتيجو اوهان جي سامهون آهي. حقيقت ۾ ڪو آخري ناهي بلڪ اڃا پيناڪ، خوفناڪ ۽ خطرناڪ نتيجا موجوده نتيجن کان به وڌيڪ جٽا ٿيڻ وارا آهن جيڪي پاڻ سان گڏ ملڪ ۽ عوام جي لاءِ سٺو سنوڻ ثابت نه ٿيندا. هڪ رياست جي حيثيت سان بيشڪ اوهان ٻين رياستن کان مدد وٺي سگھو ٿا. ليڪن هڪ شيءِ جنهن کي اسٽيٽس ڪو سڏين ٿا جي لاءِ قرض وٺي ڪري رياست هلائي نه سگھندو. جيڪڏهن پاسو درست نه هوندو ته قرضن کان وڌيڪ وياج اوهان کي ضرور ختم ڪري ڇڏيندو.

اصل ۾ اوهان جي رياست ۾ ڪوڙ وڌيڪ مڙهيل آهي. ان ڪري هن ڀار ڄٽي ڄٽي ڪري پنهنجو نسل تمام گھٽو وڌائي ڇڏيو آهي. جنهن جي نتيجي ۾

اڪ اور دريا ڪا سامنا ٿا منير مجھ ڪو مين ايڪ دريا ڪي پار اترا تو مين ني ديکا. ڪوڙ جا ٻار رياست ٿا هلائي سگھن يعني مسئلا نٿا حل ڪري سگھن ڇو ته ڪوڙ ڳالهائي ڪري اوهان هڪ نئين لعنت ۾ گھيرجي وڃو ٿا. پوءِ هڪ لعنت کان نڪرڻ جي لاءِ اوهان ٻين ٽين وري انڳنين ذلتن ۾ لهندا وڃو ٿا. ائين سمجهو ته اوهان جتي پير رکو ٿا اها جڳهه چڪڻ بڻجي وڃي ٿي. ملڪيت جي لذت ۽ چسڪو به هڪ ذلت آهي ۽ ان ۾ هڪ جاگيرداري به آهي، جاگيرداري جي نئين شڪل ڊي.ايڇ.اي. فارم هائوسز، انعامي زمينون آهن جن کي رياست جا محافظ بندوق جي زور تي وٺي يا قبضا ڪري رهيا آهن. انهيءَ ڪوڙ حقيقت ۾ رياست جو بيلنس خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو آهي ۽ ڪوڙ کي عوام جي صورت وڃڻ جي لاءِ وحشي مذهبي طبقوان ٽولي جو رستو صاف ڪري ٿو ۽ نتيجي ۾ ٿمر حاصل ڪري ٿي انعام ۾ رياست پارهن ڪينال زمين مسجد جي لاءِ الاٽ ڪري ٿي. ليڪن پرولتاريا کي پارهن انچ زمين ڏيڻ به گناه ڪبير سمجهي ٿي. يعني هڪ ورڙ لڳي پئي آهي، هڪ نفسانفسي جو ميدان ڏيک ڏيئي پيو اوهان هر سال به لک ٻار پيدا ڪيو ٿا ته پنجاه هزار مدرسن جي لاءِ وقف ٿيندا آهن مذهبي هئڻ. مسجد ومدرسن جو هئڻ ڪا بري ڳالهه ناهي، بري ڳالهه اها آهي ته توهان ٻين جي آزادي تي لانگ بوٽ نه رکي ڇڏيو ٻين کي زبردستي پاڻ جهڙو بنائڻ شروع نه ڪيس پر جيڪو اوهان جهڙو نٿو بنجڻ چاهي ان تي ڪفر جون فتوائون نه مڙهيو. جيڪڏهن اهو عمل بنا مقصد ۽ مطلب جي خدا جي رضا جي لاءِ هجي ته خير آهي ليڪن ائين بلڪل ناهي، بلڪ اهو سڀ رياست جي چوڻ تي ٿي رهيو آهي، ڇو ته رياست قانون ٿي اهڙا ناهي رکيا آهن. رياست اهو سڀ ڪجھ ان لاءِ ڪري ٿي ته سماج ۾ ڪوڙ جو نسل وڌيڪ آهي ۽ طاقتور ٿي چڪو آهي، سچ جو نسل گهٽ ۽ ڪمزور آهي، ۽ رياست پنهنجي بقا جي لاءِ انهيءَ کي بحيثيت رستو چونڊي ڇڏيو آهي. پرولتاريا کي پنهنجا حق گھرجن يا ڪين ته سٺي شاعري ۽ موسيقي ٻڌن ۽ سمجهن ته جيئن انقلاب جو رستو صاف ٿي سگھي..

بقايا — سنڌيار — 01

صحت کاتو اگهور ننڊ ستل، انتظاميا به اک نه پٽي، يوسين جا ماهوار اينڊڙ لکين روپيا ڪٿي خرچ ٿين ٿا پڇاڻو ڪيو وڃي، علائقي واسين جو مطالبو تفصيل موجب پنوعاقل جي مختلف يونين ڪائونسل ڪنهن ۽ سلطانپور، دڙب، ناروهمٿ، رويهر، جوٽاس، مبارڪپور سميت ٻين ڪيترن يوسين ۾ مچرمار اسپري نه ٿي سگهيو، اندازي موجب يوسين لاءِ هر مهيني هر يوسي جا پنج لک روپيا هڙپ ٿين لڳا يوسين ۾ هڪ ٽڪي جو ڪم به نه ٿي سگهيو يوسين ۾ مقرر ٿيل عملو به گهر ويٺي پگهار کڻڻ لڳو جنهن ڪري يوسين اندر ڪوبه عملي ڪم نه پيو ڪيو جيتوڻيڪ انهن يوسين ۾ مڇر جو آزار وڌي وڃڻ ڪري مختلف ڳوٺن سلطانپور، خاصو ،جلال انڍڙ ،حاجي فيض محمد مهر، بگوشير بادشاه، چتن مهر ،وزير ملاٽو پنيو ملاٽو سميت ٻين ڳوٺن ۾ مڇرن سبب مليريا وبائي صورت اختيار ڪري ورتي صحت کاتو اگهور ننڊ ستل آهي جنهن سبب علائقي واسين قربان مهر غلام مرتضي مهر، عاشق آرائين، راحب مهر ۽ ٻين مطالبو ڪيو ته يوسين جو ماهوار اينڊڙ لکين رپين جو نوٽيس ورتو وڃي ته اهو ڪٿي توخرچ ٿئي ۽ پڻ اهو مطالبو ڪيو ته يوسين جي مڙني ڳوٺن ۾ مچرمار اسپري ڪرائي ڏنو وڃي ته جيئن ماڻهو مليريا کهڙي موذي مرض مان جند آجي ڪري سگهن

بقايا — سنڌيار — 02

چيئرمن شهيد شنيع ڪرنائي جي فرزند جام سنگهار سميت عهديدارن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ جيئي سنڌ تحريڪ جي اڳوڻي چيئرمين شبير احمد جمالي سميت ڪيترن ئي قومي ڪارڪنن تي ڪيس داخل ٿيڻ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي وئي انهي موقعي تي اڳواڻن جو چوڻ هو ته حيدرآباد ٽنڊو نيشنل هائي وي تي ايڪسيڊنٽ ٿين ٿا پر انتظاميا خاموش تماشائي بڻيل آهي ان مسئلي تي صلاح مشورا ڪري تمام جلد ڊرٽو هنيو ويندو ٿئي شهر ۾ وڌندڙ برائين، چوري، منشيات، لائيٽ جي لوڊ شيڊنگ، پاڻي گيس، مهنگائي سميت ڪيترن ئي مسئلن تي غور ويچار ڪيو ويو پريا ڪماري سميت مغوين ۽ سموري سنڌ مان کنيي گر ڪيل قومي ڪارڪنن جي آزادي لاءِ ايندڙ جمعي جي ڏينهن شام 4 بجي احتجاج جو اعلان پڻ ڪيو ويو

بقايا — سنڌيار — 03

حوالي ڪري ڇڏيو آهي، علائقي جي رهواسين ۽ شهرين جو چوڻ آهي ته علائقي ۾ رڪشا سميت ڪيترين ئي چورين ئي چڪيون آهن، چور پڻ اعتراف ڪري رهيو آهي. پوليس هن وقت تائين چور خلاف ڪيس داخل ناهي ڪيو هنن مطالبو ڪيو ته واقعي جو ڪيس داخل ڪري انصاف ڪيو وڃي.

بقايا — سنڌيار — 04

پوليس ۽ ڳوٺاڻن جي پهچڻ تي چور اونداهي جو فائدو وٺي ڪٽيل لوهي جهلون چمپلون آري بليڊ ۽ ٻيو سامان ڇڏي فرار ٿي ويا آهن جڏهن ته اطلاع باوجود حيسڪو اختيارين پاران نامعلوم چورن خلاف اڃان تائين ڪو به ڪيس داخل نه ڪرايو ويو بئي طرف چورن پاران ڇڏيل سامان گلاب لغاري پوليس پنهنجي تحويل ۾ ورتو آهي

بقايا — سنڌيار — 05

فيڊرن تي آپريشن ڪري 400 غير قانوني ڪنڊا ڪٽي بجلي جون تارون پنهنجي تحويل ۾ ورتيون ۽ گهريلو صارفين توڙي واپارين کي رهيل بل جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪئي بي صورت ۾ بجلي ڪٽي قانوني ڪئي ويندي، انجنئير طائف ميمڻ صحافين کي ٻڌايو ته پوري شهر اندر ڪنڊا ڪنيڪشن خلاف سخت آپريشن شروع ڪيو ويو آهي ۽ رهيل بل جمع ڪرايا ويندا جيئن لائين لاسز ختم ٿي سگهي جيئن شهر اندر اضافي لوڊشيڊنگ جو ختم ڪري شهرين کي بجلي جي سپلاءِ بهتر نموني ڏئي سگهجي، هنن چيو ته هر فيڊر تي غيرقانوني ڪنڊا ڪنيڪشن ختم ڪرڻ سان انهن فيڊرن تي نظر رکي ويندي جيئن وري ڪنڊا نه لڳي سگهن، فيڊر ايل ايس ۽ لائين مين کي پڻ پابند ڪيو ويو آهي ته ڪنڊا لڳڻ جي صورت ۾ سندن خلاف به ڪاروائي عمل ۾ آندي ويندي.اسان سيپڪو چيف سکر ۽ اي سي دادو جي حڪم تي آپريشن شروع ڪيو آهي جلد شهرين کي سهولت ملندي.

بقايا — سنڌيار — 06

انداز ۾ منعقد ڪيو ويو تفصيل موجب سنڌ پريميئر ليگ جي صدر عارف ملڪ سنڌ جي اڳوڻي صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاه سان پي سي بي هيڊڪوارٽرز ۾ چيئرمين پي سي بي چوڌري ذڪا اشرف جي ملاقات ڪئي، پي سي بي سنڌ پريميئر ليگ لاءِ اين او سي جاري ڪيو. ان موقعي تي پي سي بي ڊائريڪٽر ڊوميسٽڪ نديم خان ۽ پي سي بي جا ٻيا عملدار پڻ موجود هئا. ان موقعي تي اڳوڻي صوبائي وزير ناصر حسين شاه چيو ته ايس پي ايل ليگ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن موجب منعقد ڪئي پئي وڃي، سندس هدايتن جي روشنيءَ ۾ هن ليگ ۾ اهڙن رانديگرن کي شامل ڪيو پيو وڃي جيڪي پنهنجي صلاحيتن کي ظاهر ڪرڻ جو موقعو ئي نه مليو. سنڌ جي هن پهرين ليگ جي انعقاد ۾ مرد خاص دلچسپي وٺي رهيا آهن. سندس هدايت آهي ته هن ليگ ذريعي نه رڳو سنڌ جي ڪرڪيٽ ٽيلنٽ کي پر سنڌ جي ثقافت کي به ڀرپور نموني اجاگر ڪيو وڃي. جنهن سان نه رڳو سنڌ پر پاڪستان جي به ڀلائي ٿيندي. هن چيو ته اسان کي خوشي آهي ته پي سي بي ايس پي ايل لاءِ اين او سي جاري ڪري ڇڏيو آهي، ايس پي ايل جو اڳوڻو وزير پنهنجي ثقافت ۽ انداز کي ڀرپور انداز ۾ دنيا آڏو پيش ڪري سگهي ٿو الائي سنڌ سيد مراد علي شاه ۽ اسان جي سموري ڪابينا تمام ڳهڻيون ڪوششون ڪيون ۽ هن ليگ جي خيال ڪان وٺي هن وقت تائين اسان سان گڏ قدم قدم تي گڏ آهيون. اميد آهي ته ايس پي ايل پهرين ايڊيشن کان وٺي پاڪستان جي ڪامياب ليگ بڻجي ويندي. پي سي بي چوڌري ذڪا اشرف ان اميد جو اظهار ڪيو ته ايس پي ايل جو ڪامياب انعقاد يقيني طور سنڌ جي رانديگرن جي تاريخ ۾ هڪ نئين باب جو اضافو ڪندي، هو هر ممڪن ڪردار ادا ڪندا رهندا.صدر ايس پي ايل عارف ملڪ چيو ته اين او سي جو ملڻ اسان جي ڪاميابي جي طرف هڪ اهم قدم آهي، هن ليگ جي ڪامياب تنظيم لاءِ هاڻي سيني کي اسان جي تيارين ۾ نئون جوش نظر ايندو. اين او سي ملڻ اسان جي لاءِ خوشي جي ڳالهه آهي، هاڻي اسان تي دباءُ هوندو ته هن ليگ کي شاندار طريقي سان منعقد ڪرايو وڃي ته جيئن ڪرڪيٽ جا مداح بهترين ۽ مقابلي واري ڪرڪيٽ کي ڏسي سگهن ۽ اين او سي جاري ڪندي هن چيو ته ايس پي ايل لاءِ اين او سي ملڻ سان اسان جو حوصلو بلند ٿيو آهي، مان سمجهان ٿو ته اهو صرف اسان لاءِ ناهي. پر ايس پي ايل سان لاڳاپيل سموريون ٽيمون مالڪن، آفيسرن ۽ رانديگرن لاءِ به وڏي خوشخبري آهي، شاهد آفريدي، مصباح الحق، عبدالرزاق جهڙن رانديگرن جي شامل ٿيڻ افسوسناڪ نشاني آهي ته ايس پي ايل جو سفر صحيح رخ ۾ وڃي رهيو آهي. هن چيو ته ٽيمن جي تشڪيل لاءِ ٽرائل جاري آهن، رانديگرن جي ڊرافت جو اعلان جلد ڪيو ويندو

بقايا — سنڌيار — 07

سوشل فورم جي سرواڻ پير احمد سعيد جان سرهندي ضلعي جي مختلف علائقن جي معززين سان ڪيل اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو، هن چيو ته ضلعي اندر نئين تعمير ٿيندڙ لا ڪاليج، نرسنگ ڪاليج ۽ اين آئي سي وي ڊي سميت سرڪاري ۽ نيم سرڪاري ادارن ۾ مقامي ماڻهن کي روزگار نه پيو ڏنو وڃي ۽ غير مقامي ماڻهن کي روزگار ڏئي مقامي ماڻهن جي حقن تي ڌاڙو هنيو پيو وڃي، ضلعي جي پراڊڪشن بونس ۽ شگر سيس مان ٺهندڙ ادارن ۽ ترقياتي منصوبن ۾ مقامي ماڻهن کي روزگار جي حق کان محروم رکڻ، انهن ۾ ڪرپشن ۽ ٻين بي قائدگين خلاف جدوجهد جو آغاز ڪيو ويو آهي، هن چيو ته اسان هر قسم جي ذاتي، گروهي ۽ سياسي مفادن کان بالاتر ٿي شهرين ۽ ضلعي واسين جي بنيادي انساني حقن لاءِ جاڪوڙ جاري رکنداسين. ان ۾ ڪنهن به قسم جي قرباني کان نه ڪيٻائبو، قانوني چاره جوئي جي حوالي سان جاڳايل مسئلن بابت هڪ مڪمل ڊرافت جوڙي اعلى حڪومتي ۽ انتظامي ادارن، وزارتن، چيف سيڪريٽري، سيڪريٽريز، ڊي سي ٽنڊو محمد خان ۽ لاڳاپيل اختيارين کي موڪليو ويندو، مطالبن جي مڃتا تائين اها مسلسل جدوجهد جاري رهندي ، هن چيو ته ڪجهه ڏريون سڏي ۽ اڻ سڏي ريت ڊسٽرڪٽ سوشل فورم جي قيام کان گهبرائجي جدوجهد تان هٽ ڪشائڻ واري ڏنڌي کي لڳي ويون آهن، پر ڪين ياد رکڻ کپي ته بدعنوانين، ڪرپشن، ظلم ۽ زيادتين جي ڪاري رات هميشه رهڻي ناهي ، عوام ۾ شعور اچي چڪو آهي، هاڻي عوامي فلاح ۽ بهبود جا فيصلا انصاف وارن ادارن کان وٺي روڊن ۽ رستن تي ٿيندا. ان بابت وڌيڪ شعور ۽ سجاڳي واري مهم هر صورت ۾ جاري رهندي، اجلاس ۾ آبادگار اڳواڻ نبي بخش سليو ، سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي اڳواڻ اعظم پٽي ، انجنيئر عبدالحق زئور ، پير عبداللطيف جان سرهندي ، شهري اتحاد جو صدر نور حسن ڪوڪر ، عطاالله لنڊ ، الطاف جگسي ، ڪاظم بلوچ ، راڻو غلام حسين ، ارباب اسد سمون ، صدام پلي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته ڊسٽرڪٽ سوشل فورم نج سماجي فورم آهي، جيڪو ٽنڊي محمد خان ضلعي ۾ مڪمل تنظيم سازي سان گڏ ضلعي جي اهم بنيادي انساني مسئلن بيروزگاري، صحت، تعليم ۽ ٻين اهم مسئلن تي شهرين سان گڏجي قانوني چاره جوئي ۽ عملي جدوجهد ڪندو

بقايا — سنڌيار — 08

محمد صادق راجپوت، رياض احمد خاصخيلي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سخت احتجاجي مظاهرو ڊرٽو هڻڻ جو چتاءُ، ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ استادن ڌانهيندي ٻڌايو ته تعلقي پريا ۽ پرياسي جي علائقن جي هزارين استادن پينشنرن ۽ ڪاروباري ماڻهن جا اڪائونٽ نيشنل بينڪ برانچ پرياسي ۾ آهن جتان هو آساني سان اچي بئنڪ مان سهولتون وٺن ٿا ملازم پگهارون کڻن ٿا، هنن وڌيڪ ٻڌايو ته بينڪ ٻئي هنڌ منتقل ٿيڻ سان هتان جي عوام کي نقصان ٿيندو سفر ڪرڻو پوندو جو ته هڪ پاسي امن امان جي صورتحال خراب آهي روزاني اڄڪلهه هٿياربند ڦورو ڏينهن ڏٺي جو روڊن رستن ۽ قومي شاهراه تان سرعام ڦرون ڪري رهيا آهن ۽ وري ٻئي پاسي مهانگائي جو طوفان آهي جنهن سبب ٻئي شهر اچ وڃ ۾ پريشاني کي منهن ڏيڻو پوندو. هنن نيشنل بينڪ جي اعلي اختيارين ۽ سنڌ جي نگران وڏي وزير سميت ٻين کان پرزور مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي پريا نيشنل بينڪ برانچ بحال رکيو وڃي نه ته بي صورت ۾ پريس ڪلب آڏو ڊرٽو هڻيون ويندو

بقايا — سنڌيار — 09

سان تعزيت ڪئي، شهيد جي وارثن کي هڪ پوليس نوڪري ڏيڻ ۽ شهيد جي قاتلن کي جلد گرفتار ڪرڻ جي خاطري ڪرائي. گهوٽڪي ويجهو ڪچو بندي ٿاڻي جي حد ۾ پوليس پڪٽ تي هڪ ڏينهن اڳ ڌاڙيلن جي حملي ۾ شهيد ٿيل خانپورمهر جي ڳوٺ پيٽور واسي پوليس اهلڪار علي بخش پتافي جي وارثن سان تعزيت لاءِ ايس ايس پي گهوٽڪي منير احمد کهڙو خانپورمهر لڳ پيٽور پهچي ويو جتي هن شهيد اهلڪار جي وارثن سان تعزيت ڪئي ۽ شهيد جي وارثن کي هڪ پوليس نوڪري ڏيڻ ۽ شهيد اهلڪار جا قاتل گرفتار ڪرڻ جي خاطري ڪرائي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ايس ايس پي گهوٽڪي منير احمد کهڙو چيو ته شهيد پوليس اهلڪار جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي جلد گرفتار ڪيو ويندو، واقعي واري هنڌ جي ٿاڻي جي ايس ايچ او کي هٽايو ويو آهي، معاملي جي آئون پاڻ جاچ ڪري رهيو آهيان غفلت ثابت ٿيڻ تي وڌيڪ پوليس اهلڪارن خلاف پڻ ڪاروائي ڪئي ويندي، ايس ايس پي گهوٽڪي چيو ته شهيد پوليس اهلڪار علي بخش پتافي جي قاتلن کي هر صورت ۾ گرفتار ڪيو ويندو بئي طرف شهيد پوليس اهلڪار جي وارثن ايس ايس پي گهوٽڪي منير احمد کهڙو کان مطالبو ڪيو ته اسان جي شهيد نوجوان اهلڪار علي بخش پتافي جي قاتلن کي گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي ايس ايس پي گهوٽڪي شهيد اهلڪار جي وارثن کي انصاف جي خاطري ڪرائي روانو ٿي ويو

بقايا — سنڌيار — 10

۾ تحفظ ۽ انصاف لاءِ درخواست داخل ڪرائڻ بعد عدالتي احاطي پاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي ناري گلزاران جوچوڻ هو ته هوءَ گهوٽڪي ضلعي جي ڳوٺ هير جي رهواسڻ آهي گهوٽڪي ضلعي جي ڳوٺ الهداد مهر جي رهواسي نوجوان رحمت الله پٽ لدو مهر سان گهوٽڪي جي سيشن ڪورٽ ۾ پسند جي شادي ڪئي آهي جنهن ڪانپوءِ منهجا چاچا نذير احمدمحمد يونس عبدالمجيد ميراڻي ۽ پيا مهنجي مڙس خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي بليڪ ميل ۽ ڌمڪيون پيا ڏين جنهن سبب اسان جي حياتين کي خطرو آهي رحمت الله سان سيشن ڪورٽ گهوٽڪي ۾ پسند جي شادي ڪئي آهي ڪنهن به اغوا ناهي ڪيو جڏهن ته نوجوان رحمت الله مهر جو چوڻ هو ته سندس گهرواري گلزاران ميراڻي جي مائٽن مون مٿان ۽ مهنجي مائٽن خلاف جرو ارسرحد ۽ ميرپور ماٿيلو ٿاڻن تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي حراسان پيان ڪن جوڙي لاڳاپيل اختيارن کي انصاف ۽ تحفظ ڏيڻ جي اپيل ڪئي آهي.

بقايا — سنڌيار — 11

روم ۾ ضلعي نوشهروفيروز جي 20ماسٽرس ٽرينرس کي سال 2023 جي عام چونڊن بابت ٽرينگ فراهم ڪئي وئي، ٽرينگ ۾ اليڪشن ڪميشن پاڪستان جي مقرر ڪيل ليڊ ٽرينرس ريجنل اليڪشن ڪمشنر شهيد بينظيرآباد محمد يوسف صديقي ۽ ضلعي اليڪشن ڪمشنر شهيد بينظيرآباد محمد يوسف مجيدانو ماسٽرس ٽرينرس کي عام چونڊن دوران پيش ايندڙ مسئلن بابت ڄاڻ فراهم ڪئي. ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر نوشهروفيروز فيروز خالد احمد مرزا ۽ بيا آفيسر پڻ موجود هئا.

بقايا — سنڌيار — 12

خبر موجب نئين تعمير ٿيندڙ ڪڏڙو وايا سنجهورو ميران ڪان ڏنڊو موري روڊ جي تعمير ۾ ٻاٿر ٺيڪيدار ارشد علي عرف پپي پاران ناقص ميٽيريل استعمال ڪيو ويو آهي جنهن سبب روڊ هينئر سان ئي اکڙڻ لڳو تعمير ٿيندڙ روڊ ۾ اڪثر جڳهين تي تيار ٿيندڙ ڪارپيٽ ۾ ڊانور جي جاءِ تي ڪاري تيل جو ڀرپور استعمال ڪيو ويو آهي جڏهن ته هن ٺهندڙ روڊ ۾ نمبر غير معياري ناقص پٿر جو پڻ ڌڙا ڌڙ استعمال ڪيو ويو ان سڄي ڪرپشن ۾ روڊس ڪاتي جا انجنيئر ۽ سروير شوڪت خاصخيلي به شامل آهن جن ڳوٺاڻن پاران بار بار شڪايتن ڪرڻ باوجود جي ڪوبه تحرڪ نه ورتو ڳوٺاڻن سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس آرمي چيف ايف آئي اي سميت ٻين ادارن کان مطالبو ڪيو آهي ته ٻاٿر ٺيڪيدار ارشد علي عرف پپي ۽ روڊس ڪاتي جي ملوث ڪامورن سب انجنيئر شوڪت خاصخيلي خلاف انڪوائري ڪرائي سندن خلاف ڪارروائي عمل ۾ آندي وڃي

بقايا — سنڌيار — 13

. گڏجاڻي ۾ آسپاس جي علائقي جي معززين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي نبي بخش سليو، پير احمد سعيد جان سرهندي، اعظم پٽي، پير عبداللطيف جان سرهندي، عبدالحفيظ سليو، راڻو غلام حسين، نور حسن ڪوڪر، ڪاظم عظيم بلوچ، راڻو غلام حسين، عبدالحق زئور، عطاالله لنڊ، ارباب اسد سمون، الطاف جگسي، صدام پلي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته ڊسٽرڪٽ سوشل فورم نج سماجي فورم آهي، جيڪو ٽنڊي محمد خان ضلعي ۾ مڪمل تنظيم سازي سان گڏ ضلعي جي اهم بنيادي انساني مسئلن بيروزگاري، صحت، تعليم ۽ ٻين اهم مسئلن تي شهرين سان گڏجي قانوني چاره جوئي ۽ عملي جدوجهد ڪندو ان سلسلي ۾ جلد ئي اين آءِ سي وي ڊي، لا ڪاليج، نرسنگ ڪاليج ڊبل ون ڊبل سميت ضلعي جي پراڊڪشن بونس ۽ شگر سيس مان ٺهندڙ ادارن ۽ ترقياتي منصوبن ۾ مقامي ماڻهن کي روزگار جي حق کان محروم رکڻ، انهن ۾ ڪرپشن ۽ ٻين بي قائدگين خلاف جدوجهد جو آغا ڪيو ان سلسلي ڀهريون احتجاج جلد کان جلد اين آءِ سي وي ڊي آڏو ڪيو ويندو هنن چيو ته اسان هر قسم جي ذاتي، گروهي ۽ سياسي مفادن کان بالاتر ٿي شهرين ۽ ضلعي واسين جي بنيادي انساني حقن لاءِ جاڪوڙ جاري رکنداسين، ان ۾ ڪنهن به قسم جي قرباني کان نه ڪيٻائبو، قانوني چاره جوئي جي حوالي سان جاڳايل مسئلن بابت هڪ مڪمل ڊرافت جوڙي اعلى حڪومتي ۽ انتظامي ادارن، وزارتن، چيف سيڪريٽري، سيڪريٽريز، ڊي سي ٽنڊو محمد خان ۽ لاڳاپيل اختيارين کي موڪليو ويندو، جنهن بعد عملي جدوجهد شروع ڪبي ۽ مطالبن جي مڃتا تائين اها مسلسل جدوجهد جاري رهندي. هنن چيو ته ڪجهه ڏريون سڏي ۽ اڻ سڏي ريت ڊسٽرڪٽ سوشل فورم جي قيام کان گهبرائجي جدوجهد تان هٽ ڪشائڻ واري ڏنڌي کي لڳي ويون آهن، پر ڪين ياد رکڻ کپي ته بدعنوانين، ڪرپشن، ظلم ۽ زيادتين جي ڪاري رات هميشه رهڻي ناهي. عوام ۾ شعور اچي چڪو آهي، هاڻي عوامي فلاح ۽ بهبود جا فيصلا انصاف وارن ادارن کان وٺي روڊن ۽ رستن تي ٿيندا. ان بابت وڌيڪ شعور ۽ سجاڳي واري مهم هر صورت ۾ جاري رهندي، ان موقعي تي حاجي يوسف مگسي، غلام حسين خاصخيلي داروغو، سيد عبدالحڪيم شاه، محمد هاشم باگرائي، نثار احمد باگرائي، گل محمد ملاح، سرور زئور، سارنگ ملاح، فياض احمد هنگورو، عبدالجبار باگهل، احسان علي لغاري، علي اڪبر زئور ۽ بيا شريڪ هئا.

بقايا — سنڌيار — 14

ايريا اڃان برسات کان رهيل آهن ڪٿي ڪٿي گاه ۽ ٻنيون سڪڻ لڳيون اڃان ڪافي ٿرتي برسات جي ضرورت آهي

بقايا — سنڌيار — 15

پٽ خالد هاليپوٽو جي ڪيل قاتلانه حملي تي استادن احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي، احتجاج ۾ شامل پ ٽ الف جي ضلعي صدر شاهنواز مهر، عبدالرزاق سومرو، تاج محمد رونجهو ۽ ٻين چيو ته يونين ڪائونسل سعيد خان لنڊ جي ڳوٺ راهو هاليپوٽو ۾ وڏيري جي بدمست پٽ خالد هاليپوٽو سرڪاري اسڪول جي چار ديواري ۾ پرائمري استاد اسدالله لنڊ تي قاتلانه حملو ڪري ديوٽي اتڪا سان گڏ استاد جي تذليل ڪئي آهي جنهن جي آبادگار پوليس اسٽيشن تي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر جي جاري ڪيل ليٽر تي فريادي اسدالله لنڊ ايف آءِ آر داخل ڪرائي آهي ۾ پوليس بااثر ماڻهن جي مداخلت جي ڪري وڏيري جي بدمست پٽ کي گرفتار ڪري نه سگهي آهي جيڪو وري استاد کي ڪيس تان دستبردار ٿيڻ لاءِ بيهر قاتلانه ڌمڪيون ڏيئي رهيو آهي جنهن جي ڪري ڪيس فوري طور گرفتار ڪيو وڃي بي صورت ۾ ٽنڊو محمد خان جي اندر استاد اسڪولن جي تالا بندي ڪري سخت احتجاج ڪندي.

بقايا — سنڌيار — 16

جي رهواسين جو زخمي نديم سولنگي گلزار مور سولنگي ۽ ٻين ناروشاه ٿاڻي آڏو ٿاڻن کي باهيون ڏئي احتجاج ڪندي چيو ته ڪاله مان نوشهروفيروز جي عدالت مان سنوائي تان ڳوٺ اچي رهيو هئس ته مخالف راشد سولنگي حميد اقبال سولنگي ۽ بيا ڪيس ۾ گهربل جوابدارن پورهيت نذير سولنگي کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي مزاحمت تي ڪيس زخمي ڪري فرار ٿي ويا جن خلاف ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ ناروشاه ٿاڻي تي پهتاسين ته ايس ايچ او باٿرن جي ونگار ۽ وهندي اسانکي ناروشاه ٿاڻي تان ڌڪا ڏئي باهر ڪڍي ڇڏيو ۽ اسانجو ڪيس داخل نه ڪري هنن چيو ته جيستائين حملي آور جوابدار گرفتار نه ٿيندا ۽ ڪرپٽ ايس ايچ او جمشيد راجپوت کي نه هٽايو ويندو تيستائين ڌرڻو جاري رهندو جڏهن ته ڌرڻي سبب روڊ ڪيترائي ڪلاڪ بلاڪ ٿي ويو رهواسين کي سخت رهيا.

بقايا — سنڌيار — 17

لاڙڪانو روڊ بند ڪري سخت احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ نعريبازي ڪئي، ان موقعي تي مظاهرين جي اڳواڻي ڪندڙ شفيق احمد، اڪبر آرائين، شاهد چانڊيو ادريس ابڙو، شوڪت جاگيراڻي ۽ ٻين چيو ته وارث آرائين صبح جيئن ئي دڪان کوليو ته انتظار ۾ ويٺل رند برادري جي هٿياربندن دڪان اندر هلان ڪري فائرنگ ڪري ڏنڊا ۽ لٺيون هڻي وارث کي سخت زخمي ڪري ڇڏيو جڏهن ته خاني مان روڪ رقم پڻ کڻي فرار ٿي ويا، هنن مطالبو ڪيو ته جيستائين جوابدار گرفتار نه ٿيندا اسان جو احتجاج جاري رهندو.

بقايا — سنڌيار — 18

طالب حسين چانڊيو جنرل سيڪريٽري ممتاز علي چنو ڊپٽي جنرل سيڪريٽري سميع الله ٻگهيو، خزانچي منظار علي چانڊيو پريس سيڪريٽري زاهد حسين ٻرڙو، آفيس سيڪريٽري علي محمد بروهي، انفارميشن سيڪريٽري آغا خان چانڊيو، ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي جي ميمبر نياز علي چنو ڪئميرامين فقير روستم علي چانڊيو طرفان مبارڪباد پيش ڪئي وئي ۽ گلن جا هار پارايا ويا، ان نيڪ اميد سان ته هو پنهنجي پارٽي جي ڪارڪن کي پاڻ سان گڏ ڪٺي هلنداسين. ڪارڪنن جا حق وٺي ڏيڻ ۽ علائقي ۾ سماجي ۽ ترقياتي ڪمن صحت تعليم لاءِ پاڻ پتوڙي پنهنجو ۽ پارٽي جو نالو روشن ڪندا، ان موقعي تي پاڪستان پيپلزپارٽي سٽي صدر رئيس قيصر خان چنو، جنرل سيڪريٽري ذوالفقار علي سومرو، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري شهاب الدين ڏيپر، انفارميشن سيڪريٽري رانجهن خان تنيو، نائب صدر محمود سوڍر، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري ضمير حسين سومرو، گل حسن ڪنير، اسدالله چنو، علي حسن چنوءَ ٻين تعلق پريس ڪلب وارهه جي ٽيم جو شڪريو ادا ڪيو ۽ وچن ڪيو ته اسان شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ محترمه شهيد بينظير ڀٽو جي ڇڏيل مشين کي پورو ڪرڻ پاڪستان جي بقا ۽ دين اسلام لاءِ جدوجهد ڪري پنهنجي پارٽي جو نالو روشن ڪنداسين هنن چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي عوامي پارٽي آهي هن پارٽي هميشه عوام جي حقن جي ڳالهه ڪئي آهي پاڪستان پيپلزپارٽي اڳ به عوام جي خدمت ڪئي آهي هاڻي به ڪندي

بقايا — سنڌيار — 19

ڏنيون ويون جڏهن ته ڪيترن ئي ماڻهن رت جو عطيو ڏنو ان موقعي تي ڪئمپ جي اڳواڻن ڊاڪٽر خادم حسين ميمڻ ڊاڪٽر محمد عمران، اعجاز ممنائي غلام اڪبر ناريجو عرفان رضا فيروز علي ميمڻ سيد علي نقي نبي بخش مستوئي ڊاڪٽر شبير الحسنين ڊاڪٽر علي رضا شيخ ۽ ٻين چيو ته غريب مريضن جي خدمت ڪرڻ عين عبادت آهي دنيا ۾ اهي ئي ماڻهو ڪامياب ٿين ٿا جيڪي غريبن جا پرچهلا ٿا اڳواڻن چيو ته رت جو عطيو ڏيڻ سان انساني جسم ۾ نئون رت پيدا ٿئي ٿو ۽ صحتمند انسان سال ۾ ٽي ڀيرا رت ڏئي سگهي ٿو ان ڪري دنيا ۾ بهتر زندگي گذارڻ لاءِ رت جو عطيو ضرور ڏجي

بقايا — سنڌيار — 20

نادر بلوچ، عبدالخالق سومرو عرفان نون ۽ ٻين آجيان ڪئي ۽ پريس ڪلب جو دورو ڪرايو. پيپلز پارٽي اڳواڻ امتياز احمد شيخ جي ميڊيا ڪوآرڊينيٽر ڪراچي ڊاڪٽر تاج چيو ته امتياز شيخ پاران شڪارپور پريس ڪلب ۾ 5 ڪي وي جو سولر سسٽم لڳائي رهيا آهيون. جنهن سان پريس ڪلب روشن ٿيندي ۽ رواني سان پنهنجا فرائض سرانجام ڏئي سگهندا، هن چيو ته ڪراچي ۽ لاڙڪاڻو پريس ڪلبن ۾ سولر سسٽم پڻ لڳايو آهي، ان موقعي تي عديل پائي ۽ عاشق دايو پڻ گڏ هئا

بقايا — سنڌيار — 21

جي چارج ڇڏي سائيڊ سپ ڊويزن جي چارج سنڀالي ورتي، ان موقعي تي سپ ڊويزن 2 جي چيئرمين نظر محمد ميمڻ ۽ اسٽاف جي پاران نيڪ تمنائون سان مشتاق احمد قريشي کي الوداع ڪيو ۽ سندس چيو ته اهڙي همدرد انسان جي هر هنڌ ضرورت هوندي آهي ۽ سنڌن جي خدمتن کي ڪڏهن وساري نٿو سگهجي، جيڪوجنهن پنهنجي اسٽاف سان پاٿرن ۽ دوستن جيان گذاريو ۽ تڪليف ۾ آيل اسٽاف ورڪر جي هر ممڪن مدد ڪئي، ان موقعي تي مشتاق احمد قريشي ويندي وقت پنهنجي سينيئر ۽ اسٽاف سان پاڪر پائي الوداعي ڪئي

بقايا — سنڌيار — 22

ڊپٽي ڪمشنر جي دوري سبب ٽرٽلو مچي وي، ڊپٽي ڪمشنر دادو فياض حسين راهوجو آڏو سول اسپتال جي گائني وارڊ اندر عورت مريضن جي وارثن شڪايتن جا انبار لڳائي ڇڏيا مريضن جي وارثن ڊپٽي ڪمشنر دادو کي ٻڌايو ته اسان کي اسپتال انتظاميه پاران بستري کان علاوه بي ڪا به سهولت فراهم نه پئي ڪئي وڃي دوائون ۽ مريضن جون ٽيسٽون وغيره جيڪي پاهران ڪرائڻ جون ڊاڪٽرن پاران هدايتون ڏنيون ويون آهن جنهن تي ڊپٽي ڪمشنر پاران سول سرجن تي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ويو ۽ ملوث عملي خلاف انڪوائري ڪري رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو ڊپٽي ڪمشنر دادو فياض حسين راهوجو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسپتال اندر صفائي سٿرائي نه آهي، بسترن جي ڪوٽ آهي، ڊاڪٽر سڀ موجود آهن اهو انهي ڪري جو اسپتال انتظاميه کي خبر هئي ته منهنجو اسپتال ۾ دورو متوقع آهي هن چيو ته هاڻي هو اسپتال جو اچتو دورو ڪندو، اسپتال ۾ پيٽرول جي چوري ۽ مريض جي وارثن کي پاهران دوائون گهرائڻ واري شڪايت ملي آهي هن چيو ته مان اسسٽنٽ ڪمشنر دادو کي هدايت ڪئي آهي ته هنن شڪايتن جي انڪوائري ڪري رپورٽ ڏئي ته جيئن ملوث عملي خلاف قانوني قدم کڻي سگهجي، هن چيو ته معلوم ٿيو آهي ته ڊسٽرڪٽ هيڊڪوارٽر اسپتال ۾ ضلعي کان پاهر اڪثر جامشوري ضلعي جا ملازم ڀرتي ڪيا ويا آهن اهڙي جاچ پڻ ڪئي ويندي، ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر دادو ڊاڪٽر شاهنواز ميراڻي، مختيارڪار دادو ذوالفقار پنهور، ايم ايس دادو ڊاڪٽر زاهد حسين کهرو، سول سرجن محمد يوسف ٿول، ڊپٽي ڊي ايچ او ڊاڪٽر امجد مستوئي، عاشق جلباڻي ۽ اينٽي انڪروچمينٽ پوليس ۽ بيا عملدار ساڻس گڏ هئا

بقايا — سنڌيار — 23

پيش ڪيو ويهڪ ۾ پيش ڪيل نڪور تخليقن تي سنڌي ادبي ضلعي ٽنڊي محمد خان جي رابطا سيڪريٽري آغا جان آغا، شاخ جي سيڪريٽري رفيق "آس" لغاري، اعجاز علي جسڪاڻي، گل خاصخيلي، مختيار نظاماڻي، فياض احمد لغاري، گل محمد سومرو، محمد اشرف سليو، امداد حسين "ارمان" خاصخيلي، پوهومل هاساڻي، نصير حسين مغل، اياز علي لغاري، امير احمد ميمڻ، پير ماجد جان سرهندي، فضل لغاري، جاني شيدي ۽ ٻين پنهنجا اصلاحي ۽ تنقيدي رايا ڏنا. ويهڪ جي وقتي صدر ڊاڪٽر جمال ناصر سولنگي صدارتي راءِ ڏيندي چيو ته سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊي محمد خان جون مسلسل ادبي ويهڪون تحسين لائق قدم آهي، جنهن مان سنڌي ادب بابت ڄاڻ سان گڏ سکڻ جو تمام گهڻو موقعو ملي ٿو هن چيو ته هڪ سنڌ ۽ هڪ سنڌي ادبي سنگت جي تمنا پايه تڪميل تائين پهچي چڪي آهي، جيڪا هڪ منفرد تاريخ آهي، اسان سنگت جي هڪ ٿيڻ واري عمل ۾ شامل سمورن ساٿين ۽ ونڊن کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا، جن ذاتي انائن ۽ مفادن مٿان سنگت جي مجموعي مفادن کي اهميت ڏني، تحسين لائق قدم ڪئي، اعتماد، حوصلي، اتساه ۽ اميد جي فضا بحال ڪئي آهي خاص طور پنهجي طرفن کان مرڪزي باڊين جا عهديدار جس لهڻن. ان کان اڳ شاخ ٽنڊي محمد خان جي خزانچي گل خاصخيلي روايتي طور ادبي ويهڪ جي وقتي صدر ڊاڪٽر جمال ناصر سولنگي کي گلن جو هار پارايو. شاخ جي سيڪريٽري رفيق آس لغاري آخر ۾ شاهه لطيف جي بيت سان ادبي ويهڪ جي پڄاڻي ڪئي.

بقايا — سنڌيار — 24

ان موقعي تي پهرين ڏينهن ڪوڪر محلا ۾ درود پاڪ جي محفل ڪوڏائي وئي بئي ڏينهن تي مزار شريف تي قرآن خواني ڪرائي وئي جڏهن ته سالياني عرس مبارڪ تي مشهور نعت خوان فقير حاجي يار محمد ابڙو رجب الدين رند بشير احمد پلي شرڪت ڪئي جڏهن ته پروگرام ۾ مهمان خاص سيد نور محمد شاه لڪياري خصوصي شرڪت ڪئي جڏهن ته عرس مبارڪ ۾ ڪوڪر برادري سميت علائقي جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جڏهن ته ٽئين ڏينهن خيرات عام جو بندوبست ڪيو ويو آهي جڏهن ته درگاهه شريف تي ملڪ جي سلامتي ترقي لاءِ خصوصي دعائون گهريون ويون

بقايا — سنڌيار — 25

گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ، منشيات فروشن جي قبضي مان وڏي مقدار ۾ منشيات هٿ ڪڻ ڪيس داخل خبرموجب ايس ايس سليم شاه چارج سنڀاليندي منشيات فروشن خلاف ڪاروايين جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو ٽنڊو محمد خان پوليس جي مختلف هنڌن تي ڇاپا مختلف ڪاروايين دوران، 5 منشيات فروش سميت وڏي مقدار ۾ منشيات هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ، ٽنڊو محمد خان ضلعي جي نئين آيل ايس ايس پي سيد سليم شاه پاران عهدي جي چارج سنڀالڻ کانپوءِ ضلعي اندر منشيات فروشن خلاف پوليس ڪاروايين جو سلسلو شروع ڪري ڇڏيو آهي ، انهي سلسلي ۾ ضلعي جي مختلف علائقن ۾ پوليس منشيات خلاف ڪاروايون ڪندي 5 منشيات فروشن هر هڪ عثمان غني بنگالي، ايمان بنگالي، پرويز ملڪ، عمران بنگالي ۽ حاجي ملاح کي گرفتار ڪري سندن قبضي مان وڏي مقدار ۾ منشيات هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي، بي پاسي ٽنڊو محمد خان پوليس مختلف علائقن ۾ منشيات جي خاتمي لاءِ لائوڊ اسپيڪر ذريعي پرهو ڏيئي عوام کي منشيات جي خاتمي لاءِ پوليس سان تعاون ڪرڻ جي اپيل ڪئي وئي آهي.

بقايا — سنڌيار — 26

اڪبر گروپ ۽ سيمنس ڪمپني جرمني جي زرعي ماهرين جي نگراني ۾ هڪ بهترين ميگافلڊ جي نالي سان نالهي لڳ سرف دين اولياءِ وٽ سيمينار منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ سيمنس ڪمپني جرمني جي ڊيولپمنٽ مينيجر سرفراز احمد ،ڊي جي ايم ٽارگيٽ سجاد حسين شاه ،بزنس تنوير اڪرم ،ايم ٽارگيٽ راشد خان،ايريا مينيجر علي حسن ڪولاچي مرچ ۽ ٻين فصلن جي بهتر پيداوار فصلن کي پاڻ اسپري ڏيڻ ۽ ايندڙ نوان فصل پوکڻ جي ڄاڻ پڻ ڏني وئي، ان موقعي تي آس پاس جي زميندار سميع الله آرائين،عرفان گشڪوري،سيف الله پٺاڻ،فيض محمد گرگيڻ،دين محمد بلوچ،شاهد آرائين ٻين زميندارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا — سنڌيار — 27

ڪيو آهي.ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ محمد پنهل جلباڻي جو چوڻ هو ته وڏو منشي غيور عباسي مسلسل تشدد جو نشانو بڻائي حراسان ڪري رهيو آهي هن وڌيڪ چيو ته مان منجهند هڪ وڳي مختيار ڪار آفيس وڃي رهيو هيس ته ڏوڪري ٽائي جي وڏي منشي غيور عباسي بي گناه گرفتار ڪري منهنجي مٿان تشدد ڪندو رهيو منهن مٿي ۾ ڏڪ هنيا مونکي ڌمڪيون ڏيندو رهيو هن وڌيڪ چيو ته مان غريب مسڪين شريف شهري آهيان وڏو منشي غيور عباسي شريف شهرين کان رشوت گهري رهيو آهي رشوت نه ڏيڻ تي تشدد ڪيو. هن وڌيڪ چيو ته منهنجي مائٽن جي وچ ۾ پوڻ سبب وڏي منشي گري رشوت وٺڻ بعد آزاد ڪيو هن چيو ته وڏو منشي غيور عباسي لکين روپيا رشوت گهري رهيو آهي مون کي غيور عباسي مان جان جو خطرو آهي ۽ ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ جون پڻ ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي، رشوت نه ڏيڻ تي مسلسل حراسان ڪري رهيو آهي. هن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ايس ايس پي لاڙڪاڻو ڊي ايس پي ڏوڪري کان گهر ڪئي آهي ته غيور عباسي خلاف ايف آءِ آر داخل ڪري مون سان انصاف ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ سومر جي ڏينهن تي پاڻ کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيندس. هوڏانهن محمد پنهل جلباڻي جي امڙ مسمات نعمت خاتون جو چوڻ هو ته غيور عباسي کهڙي دشمني تحت منهنجي ٻچڙن کي حراسان ڪري بي گناهه گرفتار ڪري مسلسل تشدد ڪندو رهي ٿو هن وڌيڪ چيو ته منهنجي اولاد کي ڪو به نقصان پهتو ته ان جو ذميوار غيور عباسي آهي، وڏو منشي ڏوڪري غيور عباسي مختلف ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي.

بقايا — سنڌيار — 28

يعقوب مهر، قربان مهر پاران خانپورمهر لڳ ڳوٺ چڪ سيال ۾ فري ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي ڪئمپ ۾ موجود مشهور ماهر سرجن ڊاڪٽرن ۽ ڊاڪٽرائين جن ۾ ڊاڪٽر جهان آرا حسن دايو ، ڊاڪٽر عبدالله مهر، ڊاڪٽر اشوڪ ڪمار ڊاڪٽر علي حسن مهر، ڊاڪٽر شبنم شاهد دايو ڊاڪٽر محمد نواز ڪلو، ڊاڪٽر سدره پٺاڻ، ڊاڪٽر ۽ علي گل بلوچ پاران آيل سون جي تعداد ۾ علائقي واسين مرد توڙي عورتن ۽ ٻار مريضن جي فري چڪاس ڪري ڪين مفت دوائون پڻ ڏنيون ۽ ان سان گڏوگڏ صحت بابت مشوره پڻ ڏنا، جڏهن ته ان موقعي تي مليريا، ٽيبي، شگر سميت مختلف بيمارين جون مفت ٽيسٽون پڻ ڪيون ويون ۽ مريضن کي دوائون پڻ ڏنيون ويون ان سلسلي ۾ ڊاڪٽرن جو چوڻ هو ته مليريا سميت مختلف مرضن ۾ وڪوڙيل علائقي واسي 700 سئو کان وڌيڪ عورتن توڙي مرد مريضن ۽ ٻارڙن جي مفت چڪاس ڪري ڪين دوائون مفت ڏنيون ويون آهن بئي طرف سگا اڳواڻ رئوف پارس دايو، آغا بلاول پٺاڻ قربان علي مهر، علي رضا شاه چيو ته هن ڳاتي توڙ مهانگائي جي دور ۾ جتي غريب ماڻهن جو گهر جو گذر سفر تمام ڏکيو ٿيو پيو آهي اهڙي صورتحال ۾ غريب ماڻهن جي مفت علاج لاءِ سگا پاران ميڊيڪل ڪئمپ قائم ڪري ماهر ڊاڪٽرن ۽ ڊاڪٽرياڻين جي ٽيم مفت چڪاس ۽ ڪين دوائون پڻ ڏنيون ويون آهن سگا هميشه غريب ماڻهن جي ڀلائي ۽ خدمت لاءِ ڪم ڪري رهي آهي جيڪو عمل هميشه جاري رهندو.

بقايا — سنڌيار — 29

آهي ته فوتي ناري جي والد شروعاتي طور بيان ڏيندي ٻڌايو آهي ته ناري ڪوڙي مان مڙس سان ڪاوڙجي آئي هئي هن ننگري ۽ پاڻ مٿان پسٽل جو فائر ڪري خودڪشي ڪئي آهي ۽ واقعي واري هنڌان ڪمري مان ٽي ٽي پسٽل به مليو آهي اهڙي اطلاع تي قاسم آباد ٿاڻي جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ سول اسپتال منتقل ڪري ڇڏيا آهن وڌيڪ پوليس جو چوڻ آهي ته فوتي عورت ۽ معصوم نيننگري جا لاش ضروري ڪاروائي بعد وارثن حوالي ڪيا ويندا ۽ وڌيڪ معاملي جي هر رخ کان جاچ ڪئي پئي وڃي

بقايا — سنڌيار — 30

دادو مين روڊ نيشنل پريس ڪلب اڳيان رستي جي چوطرف بئنچون رکي ڊرٽو هڻي ويهي رهيا ان موقعي تي متاثرين آبادگارن پنهنجي ڳڏيل خطاب ۾ الزام هڻندي چيو ته ڳڏيل پ پ جي نااهل ڪرپٽ حڪومت سبب آبپاشي انجنيئر بلرام ۽ ٻين ڪرپٽ عملدارن کي فرمائش تي مقرر ڪرڻ سبب جوهي تعلقي جي زرعي پاڻي تي ٽنڊ جا پاڻي چور آبادگار قابض لڳا پيا آهن جنهن سبب جوهي تعلقي اندر لکين ايڪڙ زرعي زمينون غير آباد آهن هاڻ ته آبادي ناهي پر پيئڻ جو پاڻي ناياب آهي انساني آبادي سان گڏ پکي جانور چوپايو مال بڪ مري رهيو آهي هنن چيو ته ڏکڻ جوهي ۾ سالن کان آبادي نه ٿيڻ ڪري ڪاري ڏڪار واري صورت حال برقرار آهي آبادگار هر بيو ماڻهون ذهني مرض جي دباءُ جو شڪار بڻجي ويو آهي هنن چيو ته جا اسان جوهي وارن جي نصيب سدائين پاڻي جي ڪوٽ مُقدر آهي جو ڪڏهن نه ٻڌي ۽ جوهي سگهي به جوهي هنن چيو ته پاڻي زندگي آهي جوهي براج تي پاڻي چورن جو قبضو ختم ڪري ايري گيشن انجنيئر بلرام جي اڳواڻي ۾ سر عام پنجاه کان وڌيڪ غير قانوني پائپ ۽ 60 کان وڌيڪ لفٽ مشينون لڳائي سرعام جوهي جي زرعي پاڻي تي ڌاڙو هنيو پيو وڃي هنن چيو ته آخر ڇو نگران وزير اعلي سنڌ جوهي ۾ زرعي پاڻي غنڊه گردي تحت سرڪاري براج تي چوري ۽ قبضي تي خاموش ڇو آهي هنن چيو ته نئين آيل ڊي سي کي گهرجي ته براج جو دورو ڪري آخر ۾ هنن سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس نگران وزير اعلي سنڌ. ڊي سي دادو آبپاشي کاتي جي اختيارين کان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته جوهي براج تي لڳل غير قانوني لفٽ مشينون پائپ ڪيرائي پاڻي چورن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري زرعي پاڻي جوهي جي پڇڙي جي شاخن تائين ايمرجنسي بنيادن تي فراهمي ڪري جوهي براج تي رينجرز مقرر ڪئي وڃي.

بقايا — سنڌيار — 31

انداز ۾ منعقد ڪيو ويو تفصيل موجب سنڌ پريميئر ليگ جي صدر عارف ملڪ سنڌ جي اڳوڻي صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاه سان پي سي بي هيڊڪوارٽرز ۾ چيئرمين پي سي بي چوڌري ذڪا اشرف جي ملاقات ڪئي، پي سي بي سنڌ پريميئر ليگ لاءِ اين او سي جاري ڪيو. ان موقعي تي پي سي بي ڊائريڪٽر ڊوميسٽڪ نديم خان ۽ پي سي بي جا ٻيا عملدار پڻ موجود هئا. ان موقعي تي اڳوڻي صوبائي وزير ناصر حسين شاه چيو ته ايس پي ايل ليگ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن موجب منعقد ڪئي پئي وڃي، سندس هدايتن جي روشنيءَ ۾ هن ليگ ۾ اهڙن رانديگرن کي شامل ڪيو پيو وڃي جيڪي پنهنجي صلاحيتن کي ظاهر ڪرڻ جو موقعو ئي نه مليو. سنڌ جي هن پهرين ليگ جي انعقاد ۾ مرد خاص دلچسپي وٺي رهيا آهن. سندس هدايت آهي ته هن ليگ ذريعي نه رڳو سنڌ جي ڪرڪيٽ ٽيلنٽ کي پر سنڌ جي ثقافت کي به ڀرپور نموني اجاگر ڪيو وڃي. جنهن سان نه رڳو سنڌ پر پاڪستان جي به ڀلائي ٿيندي. هن چيو ته اسان کي خوشي آهي ته پي سي بي ايس پي ايل لاءِ اين او سي جاري ڪري ڇڏيو آهي، ايس پي ايل جو اڳوڻو وزير پنهنجي ثقافت ۽ انداز کي ڀرپور انداز ۾ دنيا آڏو پيش ڪري سگهي ٿو الائي سنڌ سيد مراد علي شاه ۽ اسان جي سموري ڪابينا تمام ڳهڻيون ڪوششون ڪيون ۽ هن ليگ جي خيال کان وٺي هن وقت تائين اسان سان گڏ قدم قدم تي گڏ آهيون. اميد آهي ته ايس پي ايل پهرين ايڊيشن کان وٺي پاڪستان جي ڪامياب ليگ بڻجي ويندي. پي سي بي چوڌري ذڪا اشرف ان اميد جو اظهار ڪيو ته ايس پي ايل جو ڪامياب انعقاد يقيني طور سنڌ جي رانديگرن جي تاريخ ۾ هڪ نئين باب جو اضافو ڪندي، هو هر ممڪن ڪردار ادا ڪندا رهندا.صدر ايس پي ايل عارف ملڪ چيو ته اين او سي جو ملڻ اسان جي ڪاميابي جي طرف هڪ اهم قدم آهي، هن ليگ جي ڪامياب تنظيم لاءِ هاڻي سيني کي اسان جي تيارين ۾ نئون جوش نظر ايندو، اين او اسان لاءِ ناهي. پر ايس پي ايل سان لاڳاپيل سموريون ٽيمون مالڪن، آفيسرن ۽ رانديگرن لاءِ به وڏي خوشخبري آهي، شاهد آفريدي، مصباح الحق، عبدالرزاق جهڙن رانديگرن جي شامل ٿيڻ افسوسناڪ نشاني آهي ته ايس پي ايل جو سفر صحيح رخ ۾ وڃي رهيو آهي. هن چيو ته ٽيمن جي تشڪيل لاءِ ٽرائل جاري آهن، رانديگرن جي ڊرافت جو اعلان جلد ڪيو ويندو

بقايا — سنڌيار — 32

سوشل فورم جي سرواڻ پير احمد سعيد جان سرهندي ضلعي جي مختلف علائقن جي معززين سان ڪيل اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو، هن چيو ته ضلعي اندر نئين تعمير ٿيندڙ لا ڪاليج، نرسنگ ڪاليج ۽ اين آئي سي وي ڊي سميت سرڪاري ۽ نيم سرڪاري ادارن ۾ مقامي ماڻهن کي روزگار نه پيو ڏنو وڃي ۽ غير مقامي ماڻهن کي روزگار ڏئي مقامي ماڻهن جي حقن تي ڌاڙو هنيو پيو وڃي، ضلعي جي پراڊڪشن بونس ۽ شگر سيس مان ٺهندڙ ادارن ۽ ترقياتي منصوبن ۾ مقامي ماڻهن کي روزگار جي حق کان محروم رکڻ، انهن ۾ ڪرپشن ۽ ٻين بي قائدگين خلاف جدوجهد جو آغاز ڪيو ويو آهي، هن چيو ته اسان هر قسم جي ذاتي، گروهي ۽ سياسي مفادن کان بالاتر ٿي شهرين ۽ ضلعي واسين جي بنيادي انساني حقن لاءِ جاڪوڙ جاري رکنداسين. ان ۾ ڪنهن به قسم جي قرباني کان نه ڪيٻائبو، قانوني چاره جوئي جي حوالي سان جاڳايل مسئلن بابت هڪ مڪمل ڊرافت جوڙي اعلى حڪومتي ۽ انتظامي ادارن، وزارتن، چيف سيڪريٽري، سيڪريٽريز، ڊي سي ٽنڊو محمد خان ۽ لاڳاپيل اختيارين کي موڪليو ويندو، مطالبن جي مڃتا تائين اها مسلسل جدوجهد جاري رهندي ، هن چيو ته ڪجهه ڏريون سڏي ۽ اڻ سڏي ريت ڊسٽرڪٽ سوشل فورم جي قيام کان گهبرائجي جدوجهد تان هٽ ڪشائڻ واري ڏنڌي کي لڳي ويون آهن، پر ڪين ياد رکڻ کپي ته بدعنوانين، ڪرپشن، ظلم ۽ زيادتين جي ڪاري رات هميشه رهڻي ناهي ، عوام ۾ شعور اچي چڪو آهي، هاڻي عوامي فلاح ۽ بهبود جا فيصلا انصاف وارن ادارن کان وٺي روڊن ۽ رستن تي ٿيندا. ان بابت وڌيڪ شعور ۽ سجاڳي واري مهم هر صورت ۾ جاري رهندي، اجلاس ۾ آبادگار اڳواڻ نبي بخش سليو ، سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي اڳواڻ اعظم پٽي ، انجنيئر عبدالحق زئور ، پير عبداللطيف جان سرهندي ، شهري اتحاد جو صدر نور حسن ڪوڪر ، عطاالله لنڊ ، الطاف جگسي ، ڪاظم بلوچ ، راڻو غلام حسين ، ارباب اسد سمون ، صدام پلي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته ڊسٽرڪٽ سوشل فورم نج سماجي فورم آهي، جيڪو ٽنڊي محمد خان ضلعي ۾ مڪمل تنظيم سازي سان گڏ ضلعي جي اهم بنيادي انساني مسئلن بيروزگاري، صحت، تعليم ۽ ٻين اهم مسئلن تي شهرين سان گڏجي قانوني چاره جوئي ۽ عملي جدوجهد ڪندو

بقايا — سنڌيار — 33

طالب حسين چانڊيو جنرل سيڪريٽري ممتاز علي چنو ڊپٽي جنرل سيڪريٽري سميع الله ٻگهيو، خزانچي منظار علي چانڊيو پريس سيڪريٽري زاهد حسين ٻرڙو، آفيس سيڪريٽري علي محمد بروهي، انفارميشن سيڪريٽري آغا خان چانڊيو، ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي جي ميمبر نياز علي چنو ڪئميرامين فقير روستم علي چانڊيو طرفان مبارڪباد پيش ڪئي وئي ۽ گلن جا هار پارايا ويا، ان نيڪ اميد سان ته هو پنهنجي پارٽي جي ڪارڪن کي پاڻ سان گڏ ڪٺي هلنداسين. ڪارڪنن جا حق وٺي ڏيڻ ۽ علائقي ۾ سماجي ۽ ترقياتي ڪمن صحت تعليم لاءِ پاڻ پتوڙي پنهنجو ۽ پارٽي جو نالو روشن ڪندا، ان موقعي تي پاڪستان پيپلزپارٽي سٽي صدر رئيس قيصر خان چنو، جنرل سيڪريٽري ذوالفقار علي سومرو، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري شهاب الدين ڏيپر، انفارميشن سيڪريٽري رانجهن خان تنيو، نائب صدر محمود سوڍر، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري ضمير حسين سومرو، گل حسن ڪنير، اسدالله چنو، علي حسن چنوءَ ٻين تعلق پريس ڪلب وارهه جي ٽيم جو شڪريو ادا ڪيو ۽ وچن ڪيو ته اسان شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ محترمه شهيد بينظير ڀٽو جي ڇڏيل مشين کي پورو ڪرڻ پاڪستان جي بقا ۽ دين اسلام لاءِ جدوجهد ڪري پنهنجي پارٽي جو نالو روشن ڪنداسين هنن چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي عوامي پارٽي آهي هن پارٽي هميشه عوام جي حقن جي ڳالهه ڪئي آهي پاڪستان پيپلزپارٽي اڳ به عوام جي خدمت ڪئي آهي هاڻي به ڪندي

بقايا — سنڌيار — 34

سان تعزيت ڪئي، شهيد جي وارثن کي هڪ پوليس نوڪري ڏيڻ ۽ شهيد جي قاتلن کي جلد گرفتار ڪرڻ جي خاطري ڪرائي. گهوٽڪي ويجهو ڪچو بندي ٿاڻي جي حد ۾ پوليس پڪٽ تي هڪ ڏينهن اڳ ڌاڙيلن جي حملي ۾ شهيد ٿيل خانپورمهر جي ڳوٺ پيٽور واسي پوليس اهلڪار علي بخش پتافي جي وارثن سان تعزيت لاءِ ايس ايس پي گهوٽڪي منير احمد کهڙو خانپورمهر لڳ پيٽور پهچي ويو جتي هن شهيد اهلڪار جي وارثن سان تعزيت ڪئي ۽ شهيد جي وارثن کي هڪ پوليس نوڪري ڏيڻ ۽ شهيد اهلڪار جا قاتل گرفتار ڪرڻ جي خاطري ڪرائي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ايس ايس پي گهوٽڪي منير احمد کهڙو چيو ته شهيد پوليس اهلڪار جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي جلد گرفتار ڪيو ويندو، واقعي واري هنڌ جي ٿاڻي جي ايس ايچ او کي هٽايو ويو آهي، معاملي جي آئون پاڻ جاچ ڪري رهيو آهيان غفلت ثابت ٿيڻ تي وڌيڪ پوليس اهلڪارن خلاف پڻ ڪاروائي ڪئي ويندي، ايس ايس پي گهوٽڪي چيو ته شهيد پوليس اهلڪار علي بخش پتافي جي قاتلن کي هر صورت ۾ گرفتار ڪيو ويندو بئي طرف شهيد پوليس اهلڪار جي وارثن ايس ايس پي گهوٽڪي منير احمد کهڙو کان مطالبو ڪيو ته اسان جي شهيد نوجوان اهلڪار علي بخش پتافي جي قاتلن کي گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي ايس ايس پي گهوٽڪي شهيد اهلڪار جي وارثن کي انصاف جي خاطري ڪرائي روانو ٿي ويو

بقايا — سنڌيار — 35

محمد صادق راجپوت، رياض احمد خاصخيلي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سخت احتجاجي مظاهرو ڊرٽو هڻڻ جو چتاءُ، ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ استادن ڌانهيندي ٻڌايو ته تعلقي پريا ۽ پرياسي جي علائقن جي هزارين استادن پينشنرن ۽ ڪاروباري ماڻهن جا اڪائونٽ نيشنل بينڪ برانچ پرياسي ۾ آهن جتان هو آساني سان اچي بئنڪ مان سهولتون وٺن ٿا ملازم پگهارون کڻن ٿا، هنن وڌيڪ ٻڌايو ته بينڪ ٻئي هنڌ منتقل ٿيڻ سان هتان جي عوام کي نقصان ٿيندو سفر ڪرڻو پوندو جو ته هڪ پاسي امن امان جي صورتحال خراب آهي روزاني اڄڪلهه هٿياربند ڦورو ڏينهن ڏٺي جو روڊن رستن ۽ قومي شاهراه تان سرعام ڦرون ڪري رهيا آهن ۽ وري ٻئي پاسي مهانگائي جو طوفان آهي جنهن سبب ٻئي شهر اچ وڃ ۾ پريشاني کي منهن ڏيڻو پوندو. هنن نيشنل بينڪ جي اعلي اختيارين ۽ سنڌ جي نگران وڏي وزير سميت ٻين کان پرزور مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي پريا نيشنل بينڪ برانچ بحال رکيو وڃي نه ته بي صورت ۾ پريس ڪلب آڏو ڊرٽو هڻيون ويندو

بقايا — سنڌيار — 36

پٽ خالد هاليپوٽو جي ڪيل قاتلانه حملي تي استادن احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي، احتجاج ۾ شامل پ ٽ الف جي ضلعي صدر شاهنواز مهر، عبدالرزاق سومرو، تاج محمد رونجهو ۽ ٻين چيو ته يونين ڪائونسل سعيد خان لنڊ جي ڳوٺ راهو هاليپوٽو ۾ وڏيري جي بدمست پٽ خالد هاليپوٽو سرڪاري اسڪول جي چار ديواري ۾ پرائمري استاد اسدالله لنڊ تي قاتلانه حملو ڪري ديوٽي اتڪا سان گڏ استاد جي تذليل ڪئي آهي جنهن جي آبادگار پوليس اسٽيشن تي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر جي جاري ڪيل ليٽر تي فريادي اسدالله لنڊ ايف آءِ آر داخل ڪرائي آهي ۾ پوليس بااثر ماڻهن جي مداخلت جي ڪري وڏيري جي بدمست پٽ کي گرفتار ڪري نه سگهي آهي جيڪو وري استاد کي ڪيس تان دستبردار ٿيڻ لاءِ بيهر قاتلانه ڌمڪيون ڏيئي رهيو آهي جنهن جي ڪري ڪيس فوري طور گرفتار ڪيو وڃي بي صورت ۾ ٽنڊو محمد خان جي اندر استاد اسڪولن جي تالا بندي ڪري سخت احتجاج ڪندي.

بقايا — سنڌيار — 37

فيڊرن تي آپريشن ڪري 400 غير قانوني ڪنڊا ڪٽي بجلي جون تارون پنهنجي تحويل ۾ ورتيون ۽ گهريلو صارفين توڙي واپارين کي رهيل بل جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪئي بي صورت ۾ بجلي ڪٽي قانوني ڪئي ويندي، انجنئير طائف ميمڻ صحافين کي ٻڌايو ته پوري شهر اندر ڪنڊا ڪنيڪشن خلاف سخت آپريشن شروع ڪيو ويو آهي ۽ رهيل بل جمع ڪرايا ويندا جيئن لائين لاسز ختم ٿي سگهي جيئن شهر اندر اضافي لوڊشيڊنگ جو ختم ڪري شهرين کي بجلي جي سپلاءِ بهتر نموني ڏئي سگهجي، هنن چيو ته هر فيڊر تي غيرقانوني ڪنڊا ڪنيڪشن ختم ڪرڻ سان انهن فيڊرن تي نظر رکي ويندي جيئن وري ڪنڊا نه لڳي سگهن، فيڊر ايل ايس ۽ لائين مين کي پڻ پابند ڪيو ويو آهي ته ڪنڊا لڳڻ جي صورت ۾ سندن خلاف به ڪاروائي عمل ۾ آندي ويندي.اسان سيپڪو چيف سکر ۽ اي سي دادو جي حڪم تي آپريشن شروع ڪيو آهي جلد شهرين کي سهولت ملندي.

بقايا — سنڌيار — 38

حوالي ڪري ڇڏيو آهي، علائقي جي رهواسين ۽ شهرين جو چوڻ آهي ته علائقي ۾ رڪشا سميت ڪيترين ئي چورين ئي چڪيون آهن، چور پڻ اعتراف ڪري رهيو آهي. پوليس هن وقت تائين چور خلاف ڪيس داخل ناهي ڪيو هنن مطالبو ڪيو ته واقعي جو ڪيس داخل ڪري انصاف ڪيو وڃي.

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي، روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏيندا رهنداسين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com